ڪلام

خوش خير محمد هيسباڻي

تحقيق ۽ ترتيب

تنوير عباسي

سنڌي ادبي بورڊ

ڪلام

خوش خير محمد هيسباڻي

TARIQ HAYAT
LECTURER IN ENGLISH
Govt. Islamia Science College,
SUKKUR.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام

خوش خير محمد هيسباڻي

تحقيق ۽ ترتيب

تنوير عباسي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[سنڌي ادبي بورڊ جا سمورا حق ۽ واسطا قائم]

چاپو پهريون 1982ع تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيون 2008ع تعداد پنج سؤ

قيمت: هڪ سؤ ست رپيا
[Price Rs: 160-00]

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس جام شورو ۾ مئنيجر پريس ڇپيو، ۽ قائم مقام سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ گلبدن جاويد مرزا ڇپائي پٽرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپائيندڙ پاران

خوش خيرمحمد هيسباڻي ٽالپرن جي اوج واري سنڌ ۾ جنم ورتو، انگريزن جو سنڌ تي عياريءَ سان قبضي ڪرڻ وقت هو پنهنجي حياتيءَ جا ڀريا چاليهه ورهيه گذاري چڪو هو. هن ٽالپرن جي اوڄ واري سنڌ جي خوشحاليءَ کي ڏٺو ۽ انگريزن جي جديد مواصلاتي نظام جڙڻ واري سنڌ کي به پنهنجي پيرسن اکين سان ڏسندي لاڏاٽو ڪيو.

هو سچل جي صوفياڻي مڪتب فِڪر سان تعلق رکندو هو. هُن انهيءَ اثر هيٺ آئيندي جي سنڌ کي نظر ۾ رکندي کو رندانہ نعرو هٽڻ بدران سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي ايڪتا جي لڙي ۾ پوئڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ سمورن الهامي عقيدن جو احترام ڪندي، انهن ۾ موجود "وحدتِ اديان" واري اصل جُز وحدانيت/ويدانت واري ڪُل ۾ ضم ٿيڻ ۽ انسان ذات جي هڪ مُٺ ٿيڻ واري پيغام کي پنهنجي شاعريءَ جو آدرش بڻائي ان کي تهائين پختي عزم، گهري ادراڪ ۽ اعليٰ شعور سان پکيڙيو ۽ انهيءَ ۾ هُو سنڌ جي سمورن صوفين سان گڏ ڪامياب به ويو، جنهن جو ثبوت ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت سنڌ ۾ ڪي اهڙا مذهبي فساد نہ ٿيا، جنهن تي سنڌ جو عظيم شعور شرمسار ٿئي. انهن اعليٰ ۽ اُتم ڳڻن ۽ ڳالهين جي ڪري خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي شاعري سنڌ جي اعليٰ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدرشي شاعريءَ جو هڪ اهم سبق آهي. جنهن ۾ موج مستي ۽ عشق الستيءَ جا راز سمايل آهن. جنهن جو سلسلو ازل کان وٺي ابد تائين قائم ۽ دائم، جاري ۽ ساري رهندو ۽ رهڻو آهي.

هن اعليٰ شاعريءَ جي ڪتاب کي سهيڑڻ جو ڪم محترم ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪيو هو ۽ پهريون ڇاپو سال 1982ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران پڌرو ٿيو ۽ ٻيو ڇاپو منهنجي ايامڪاريءَ ۾ اچڻ مون لاءِ وڏو مَرڪَ آهي. اميد آهي ته صوفياڻين رمزن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارن لاءِ هيءُ ڪتاب بورڊ پاران هڪ اهم سوڪڙي طور قبول ڪيو ويندو.

گلبدن جاويد مرزا
قائم مقام سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ
جمع، ۱ ذوالقعد ۱۴۲۹هـ
بمطابق 31- آڪٽوبر 2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

مضمون		صفحو
• پيش لفظ	سيد غوث علي شاهه	8
• مهاڳ	ڊاڪٽر تنوير عباسي	11
• خوش خير محمد هيسباڻي جي حياتيءَ جو احوال		16
خوش خير محمد هيسباڻي جي شاعري ۽ مٿس سچل سرمست جو اثر		26
خوش خير محمد هيسباڻي ۽ سندس همعصر		28
خوش خير محمد هيسباڻي جو پوين شاعرن تي اثر		34
مرشد جي عقيدت ۽ دوستن جي ياد		36
خوش خير محمد هيسباڻي جي رومانويت		37
خوش خير محمد هيسباڻي تي فارسي شاعريءَ جو اثر		41
خوش خير محمد هيسباڻي تي هندي شاعريءَ جو اثر		43
خوش خير محمد هيسباڻي ۽ ظاهري علم		44
خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ٻولي		47
خوش خير محمد هيسباڻي جا گهاڙيٽا		47
خوش خير محمد هيسباڻيءَ جا صوفياڻا ڪردار		50
خوش خير محمد هيسباڻي جي صوفياڻي رومانويت		52
• خوش خير محمد هيسباڻي جو ڪلام		
سنڌي بيت		59
سنڌي ڪافيون		67
سرائڪي بيت		127
سرائڪي ڪافيون		135
هندي ڪلام		189

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

پيش لفظ

هن ئي سال مارچ مهيني ۾ "سچل قومي سيمينار" ۾، عالمن ۽ اديبن جيڪي تجويزون ڏنيون هيون، تن ۾ هڪ قابل توجهه تجويز اها به هئي ته هر سال ميلي جي موقعي تي سچل سائينءَ جي ڪنهن نه ڪنهن طالب يا همعصر شاعر جو ڪلام شايع ڪيو وڃي.

ظاهر آهي ته اها ۽ ان قسم جون ٻيون تجويزون تمام سٺيون، پر اهي وقت ۽ محنت طلب آهن. عالمن کي تحقيقي ڪم ۾ بيحد محنت ڪرڻي پوي ٿي ۽ ڪم کي پايه تڪميل تي پهچائڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ٿو. ساڳيءَ ريت اهڙن علمي ڪتابن جي ڇپائي به وقت وٺي ٿي. پر رب سائين پنهنجو ڪرم ڪري ۽ ماڻهوءَ ۾ همت ۽ حوصلو هجي، ته مشڪل به آسان ٿيو پوي.

سچل قومي سيمينار کان ستت پوءِ، لاهور ۾، منهنجي ئي تجويز ۽ تحريڪ تي، سچل سائينءَ تي هڪ ٻيو جلسو ٿيو، جنهن ۾ مان محترم غلام رباني، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ کي به ساڻ وٺي ويو هوس. اُتي روبرو مشورو ڪري، اهو فيصلو ڪيوسون ته فقير خوش خير محمد هيسباڻي ۽ فقير نانڪ يوسف جي ڪلام ڇپڻ جي رٿابندي، اهڙيءَ ريت ڪجي، جو هن ئي سال ميلي جيّ موقعي تي ٻنهي مان هڪ ڪتاب شايع ٿي وڃي. الحمد الله، اسان ان پروگرام کي ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو. اڄ، سچل سائينءَ جي ميلي جي موقعي تي، فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

فقير خوش خير محمد هيسباڻي سچل سائينءَ کان عمر ۾ گهٽو ننڍو هو ۽ فقير نانڪ يوسف وانگر سڌيءَ طرح طالب العلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ کونہ ھو. مصري شاھہ بادشاھہ، وانگر، پاڻ سنڌي ڪافيءَ جي ميدان جو مڃيل شھسوار ھو، پر سندس ڪلام جو غور سان مطالعو ڪبو، تہ سچل سائينءَ جي فڪر ۽ فن جي متس گھري ڇاپ نظر ايندي. ڪتاب جي مرتب، سنڌ جي لائق اديب ۽ شاعر، محترم تنوير عباسيءَ پنھنجي مھاڳ ۾، خوش خير محمد جي ڪلام تي سچل جي اثر متعلق سھڻو بحث ڪيو آھي.

سنڌي ڪلچر جي آبياري سنڌ جي صوفين ڪئي آھي. شاھہ، سچل، بيدل، بيڪس، روحل، نانڪ يوسف ۽ خوش خير محمد اسان جا فقط شيرين زبان شاعر ڪونہ آھن، پر اسان جي عوام ۽ خواص جي عقيدت جا سرچشما آھن. انھن بزرگن سنڌ جي عوام کي اخلاق، شائستگي ۽ تھذيب سيکاري آھي ۽ زندگيءَ جي مقصد کي سمجھڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو رستو ڏسيو آھي. اللہ پاڪ جي در دعا آھي تہ ھو اسان کي سندن ٻڌايل واٽ تي ھلڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين!

30 - 6 - 1982ع

جسٽس (ر) سيد غوث علي شاھہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

مهاڳ

سنڌ جي سڀني صوفي شاعرن متعلق عام روايتن وانگر فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام جو سندس ئي هٿن سان لکيل نسخو درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو ويو!

خوش خير محمد جي خاندان جي بزرگ، سائين فقير فتح علي هيسباڻيءَ ٻڌايو تہ صوفي خير محمد جي پٽ در محمد مست (جيڪو سچ پچ مست هو) ائين چئي نسخو درياهه ۾ ڦٽي ڪيو تہ "بابي پي الله نال گهٽيان نڱيان ڪيتان هن."

عجب آهي تہ هڙي بي مثال شاعر جا هٿ اکر بہ محفوظ رهي نہ سگهيا. فقير فتح علي هيسباڻيءَ روايت ڪئي تہ "هڪ قلمي ڪتاب تي سندن هٿ اکر هئا، جيڪو قاضي محمد علي اختر مورائي ڪٽي ويو ۽ اڃا ڪين موڙايو اڻائين."

پهريائين نواب الدين شر صاحب جي مهرباني‌ءَ سان، خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڳوٺ مان هڪ قلمي نسخو مليو، جيڪو اٽڪل روءِ 1935ع ڌاري جو لکيل آهي. ان نسخي ۾ سمورو ڪلام نہ هو. (مرحوم) ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ پڻ گڏ ڪيل ڪلام جو بياض مهرباني ڪري مون کي ڏنو، ان کان پوءِ محترم خادم حسين عباسيءَ وڌان مليل نسخو بہ ساڀيو ئي هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم عبدالكريم سنديلي كمال فراخدليءَ سان ٻه قديم قلمي بياض مون کي ڏنا، جن مان کجھ اهڙيون کافيون ھٿ آيون، جيکي اڳين نسخن ۾ نه هيون. ان کان سواءِ محترم احمد خان آصف مصراٽيءَ ۽ محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجن بياضن تان ڪلام اتاري موڪليو، جن مان احمد خان آصف مصراٽي صاحب جي موڪليل مواد مان کجھ نئون ڪلام ھٿ لڳو. منهنجي پياري دوست تاج جويي، دادو ضلعي جي ڳوٺ احمد خان جتوئي ۾ فقير شاهنواز جتوئيءَ وٽ رکيل قلمي بياض "جهان البحر" تان خوش خير محمد جون کافيون اتاري ڏنيون، جن ۾ پڻ کافي نئون مواد هو. اهو نسخو سن 1939ع ۾ لکيو ويو ۽ ان ۾ 1400 صفحن تي پکڙيل مختلف شاعرن جا ڪلام، ڳجهارتون وغيره آهن، جيکو فقير سرائي جان محمد جتوئي لکيو. هن ڏس ۾ ماستر محمد موسيٰ سومري جو قلمي بياض پڻ مددگار ثابت ٿيو، جيکو سنہ 1899ع ۾ لکيو ويو هو.

آخر ۾ خوش خير محمد هيسباٽيءَ جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو، جتي فقير فتح علي هيسباٽيءَ سان رهاڻ دوران سندن طرفان گڏ ڪيل مواد مان کافي اهڙو ڪلام هٿ آيو، جيکو اڳ مون وٽ نه هو. هن صاحب خوش خير محمد جي سوانح تي پڻ روشني وڌي. فقير امداد عليءَ، فقير عشاق عليءَ ۽ فقير منظور علي هيسباٽيءَ جي مهمان نوازيءَ ۽ رهاڻ دوران خوش خير محمد جي باري ۾ ڪيترا نوان نڪتا معلوم ٿيا.

آڪٽوبر 1979ع جي آخري پندرهن ڏينهن ۾ خيرپور ۽ سکر جي سينٽرل جيل ۾ نظر بنديءَ دوران فقير امداد علي هيسباٽيءَ جي رهاڻ نه فقط قيد جي ذهني پريشاني گهٽ ڪئي، ۽ وقت ٿهڪڙن جي وهڪري ۾ وهندو رهيو، پر علمي ۽ ادبي بحث دوران، فقير امداد عليءَ کافي نوان نڪتا بيان ڪيا.

مٿين سيني ذريعن مان مواد هٿ ڪري، پيٽي، مختلف پڑهڻين تي غور ڪري، هڪ معياري پڑهڻي قائم ڪئي ويئي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا پڙهڻي قائم ڪئي ويئي آهي، اها وزن، گهاڙيٽي، ماترائن، خوش خير محمد جي شاعريءَ جي مزاج، سندس اسلوب، موسيقيت، رواني، ٻوليءَ جي صحت ۽ مفهوم جي صحيح ادائگي - ايترين سارين ڳالهين کي مدنظر رکي، قائم ڪئي ويئي آهي.

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام ۾ تمام ٿوريون سِٽون اهڙيون آهن، جن جون مختلف نسخن ۾ مختلف پڙهڻيون آهن، انکري حاشيي ۾ مختلف پڙهڻيون ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو ويو. ڪافين جي ترتيب انهن جي رڌم، مضمون ۽ گهاڙيٽي جي لحاظ کان ڪيل آهي.

بهرحال، هن نسخي کي ڪوشش ڪري حتي المقدور صحيح، مڪمل ۽ جامع ڪيو ويو آهي. اميد آهي تہ سنڌي شاعريءَ جي شائقين کي پسند ايندو.

سرمد جو گهر، خيرپور
11 _ نومبر 1979ع

_ تنوير عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪر گذاري

- محترم نواب الدين شر جي، جنهن خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڳوٺ مان قلمي نسخو ونڻي ڏنو.
- محترم حسين بخش عباسيءَ جي، جنهن مٽيون نسخو سهڻيءَ صورتخطيءَ ۾ اتاري ڏنو.
- محترم خادم حسين عباسيءَ جي، جيڪو مواد حاصل ڪرڻ، پيٽڻ، اتارڻ، توڙي مختلف پڑهٽين قائم ڪرڻ ۾ شروع کان آخر تائين منهنجو مددگار رهيو.
- مرحوم ڊاڪٽر عطا محمد حامي جي، جنهن پنهنجو سمورو مواد منهنجي حوالي ڪيو.
- محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي، جنهن ۾ نايابقلمي بياض مون کي ڏنا ۽ رات جو دير تائين ڪلام اتارڻ ۾ مدد ڪيائين.
- محترم اياز قادريءَ جي، جنهن پڻ سنديلي صاحب سان گڏ مواد اتارڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.
- فقير فتح علي هيسباڻيءَ جي، جنهن پنهنجو گڏ ڪيل مواد مون کي ڏنو، ۽ شفقت ۽ محبت سان رهاڻ ڪري، خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي حياتيءَ جي احوال تي روشني وڌائين.
- فقير امداد علي هيسباڻيءَ جي، جنهن پنهنجو گڏ ڪيل مواد مون کي ڏنو، ۽ شفقت ۽ محبت سان رهاڻ ڪري، خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي حياتيءَ جي احوال تي روشني وڌائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- فقير عشاق علي ۽ فقير منظور علي هيسباڻيءَ جي، جن خوش خير محمد جي ڪلام ۽ سوانح جي باري ۾ معلومات ڏني.
- مرحوم فقير در محمد هيسباڻيءَ (اڳئين سجاده نشين) جي، جنهن جي مختصر رهاڻ وڏو اثر ڇڏيو.
- مرحوم عنايت فقير، ڊول فقير ۽ عابده پروين جي، جن کان خوش خير محمد جون ڪجهه ڪافيون ٻڌم.
- محترم تاج جويي جي، جنهن "جهان البحر" تان مواد اتاري ڏنو.

- تنوير عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماخذ

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي سوانح

1. علي مردان شاھ لکياري: سہ ماھي مهراڻ حيدرآباد ("سوانح نمبر") 3، 4 _ 1957 ص 301.
2. عطا محمد حامي ڊاڪٽر: "خيرپور جي ميرن جو ادب، ثقافت ۽ سياست ۾ حصو" (قلمي) ص 637_ 639.
3. دين محمد وفائي: تذکره مشاهير سنڌ، حيدرآباد، 1974ع _ ص 217.
4. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، 1961ع (قلمي).
5. عبدالجبار جوٽيجو، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد 1973ع، ص 183.
6. فقير محمد رند: مير واھ ڊويزن جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، 1961ع (قلمي).
7. حاجي محمد حداد: خيرپور جي ادبي تاريخ (قلمي).
8. عبدالغفار شاھ راشدي: اديب سنڌ لاڙڪاڻو، مئي 1951ع ۽ جولاءِ 1951ع.
9. لطف الله بدوي: نئين زندگي ڪراچي، جولاءِ 1960 ص 17.
10. عزيز الله ميمڻ: خيرپور ضلعي جي ادبي تاريخ ۽ ثقافت (قلمي) ص 187، 224، 391، 597.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام

1. درگاھ وارو قلمي نسخو، 1935ع ڌاري لکيل.
2. محترم خادم حسين عباسيءَ وارو نسخو.
3. محترم عبدالڪريم سنديلي جو بياض، ڪاتب گل محمد ڦل 1899ع.
4. محترم عبدالڪريم سنديلي جو بياض 1936ع.
5. محترم احمد خان آصف مصراڻيءَ جون موڪليل ڪافيون.
6. محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو موڪليل مواد.
7. جهان البحر (قلمي) ڪاتب فقير جان محمد جتوئي، سنہ 1939ع.
8. محترم ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جو قلمي بياض.
9. ماستر محمد موسيٰ سومري جو قلمي بياض سنہ 1899ع.
10. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سب رنگ، حيدرآباد.
11. فقير فتح علي هيسباڻيءَ کان مليل مواد.
12. ڊول فقير، مرحوم عنايت فقير ۽ عابده پروين کان ٻڌل ڪلام.
13. خيرپور ضلعي جي ادبي تاريخ ۽ ثقافت، عزيز الله ميمڻ، 1978ع (قلمي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام

خوش خير محمد هيسباڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي حياتيءَ جو احوال

خوش خير محمد هيبساڻي، رئيس غلام حيدر هيسباڻيءَ جو فرزند هو. هو سن 1809ع مطابق 1224ھ ۾، ڳوٺ گل محمد هيسباڻي (ضلع نواب شاهه) ۾ ڄائو. سندس وڏا، اصل ساهيوال جا ويٺل هئا، ۽ ميان آدم شاهه کلهوڙي سان گڏ سنڌ ۾ آيا. خير محمد هيسباڻيءَ شروعاتي تعليم پونئرن جي ڳوٺ ۾ آخوند بخش علي گاڏهيءَ جي مدرسي ۾ ورتي. ان مدرسي ۾ هن قرآن شريف ۽ ڪجهه فارسيءَ جا ڪتاب پڙهيا.ويهن سالن کان پوءِ ٽڳڙن جي ڳوٺ ۾ لڏي آيو، ۽ مولوي عبدالقدوس وٽ تعليم مڪمل ڪيائين.

خوش خير محمد هيسباڻي، نوشهري جي نقشبندي بزرگ، پير شهاب الدين جي فرزند پير عبدالحئي جو طالب هو. ڪن سوانح نگارن موجب، خير محمد جي وڏن جي ان درگاهه سان عقيدت هئي. ڪي سوانح نگار لکن ٿا تہ خير محمد هيسباڻيءَ جو ان درگاهه سان تعلق عثمان فقير سانگيءَ جي اثر هيٺ ٿيو. بهرحال ان ڳالهه تي ڪو بہ اختلاف ناهي، تہ صو في خير محمد نوشهري جي نقشبندين جو طالب هو. هن ڪيترين ئي ڪافين ۾ مرشد عبدالحئي سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

عثمان فقير سانگيءَ سان سندس تعلق گهاٽو هو. پاڻ عثمان سانگيءَ جي وفات تي هڪ ڪافي چئي اٺائين.

ڪجهه سال پنهنجي رهبر پير عبدالحي جي خدمت ۾ گذارڻ بعد صوفي خير محمد حج جي سفر تي روانو ٿيو. اتان موٽڻ بعد سندس مرشد عبدالحي وفات ڪري ويو، ۽ شاهه نصير نندڙيءَ عمر ۾ گاديءَ تي ويٺو. عثمان سانگي ۽ خوش خيرمحمد هيسباڻي نندڙي شاهه نصير جي سنيال لاءِ نوشهري اچي رهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاھ نصير کي ننڍي هوندي کان ئي سنڌي زبان جي هن بي مثال صوفي شاعر جي رهنمائي حاصل ٿي. اڳتي هلي شاھ نصير سنڌيءَ جي صوفياڻي شاعريءَ تي اڻ مٽجندڙ نشان ڇڏيا.

صوفي خيرمحمد جي حياتيءَ ۾ ئي، سندس جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڳٽ پيو، ۽ خيرپور جي مير علي مراد خان پنهنجن سان غداريءَ جي انعام طور خيرپور رياست حاصل ڪئي.

مير علي مراد خان سچل سرمست سان به عقيدت ڏيکاري ۽ سندس فارسي ڪلام "ديوان آشڪارا" ڇپايائين. مير علي مراد خان، سچل سرمست جي طالب، نانڪ يوسف سان پڻ تعلقات رکيا ۽ نانڪ يوسف مير علي مراد جي قريب رهيو. ٿي سگهي ٿو ته اها سندس سياسي حڪمت عملي هجي، جو ته ان وقت سندس ۾ سچل سرمست جي بي باڪ شاعريءَ جي گونج هئي.

صوفي خير محمد هيسباڻيءَ کي به مير علي مراد پنهنجي قريب آندو. ڪن سوانح نگارن جي لکڻ موجب ان قربت ۾ خيرمحمد جي چاچي جو هٿ هو، جنهن جا خيرپور جي ميرن سان سٺا تعلقات هئا. بهرحال هن آزاد طبع شاعر ميرن جي "ڪارداريءَ" جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ پاتو، پر اهو تمام ٿوري عرصي لاءِ.

هن آزاد طبع ۽ شاعر مزاج صوفيءَ کي نوڪري پاڻ نه پئي. سندس نوڪري ڇڏڻ جي باري ۾ هڪ دل کي ڇهندڙ روايت آهي:

هڪ دفعي صوفي خيرمحمد هيسباڻي پنهنجي عملي سميت گشت ڪندي، ڪنهن ڳوٺ ۾ سان هڪ ضعيف پوڙهيءَ کي ڏٺو جيڪا مٽرن جي ڀري ڪٽي نه پئي سگهي، ۽ مدد لاءِ ماڻهن کي پئي سڏ ڪيائين. هن صوفي شاعر جي حساس دل رجي پيئي، ۽ پاڻ گهوڙي تان لهي، ڪيس ۾ ڪٽائڻ لڳو. مائي سرڪاري ڪامورن جي دهشت کان ڊڄ لڳي، ۽ چيائين." ابا مون ته ماڻهن کي پئي سڏيو، اوهين ته ڪامورا آهيو!"

پوڙهيءَ جي انهن لفظن ،خوش خير محمد جي دل تي ايڏو ته اثر ڪيو جو پاڻ دانهن ڪري چيائين " چا! ڪامورا ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ناهن؟" ان ئي وقت نوڪري ڇڏي ، نوشهري اچي سڄي حياتي شاعري ۽ تصوف لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين .

ميرن سان پنهنجي تعلق واري وقت ۾ هن سفارش ڪري ڪيترائي قيدي آزاد ڪرايا.مير علي مراد هن جي ڏاڍي عزت ڪندو هو، ۽ سندس سفارش تي قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيندو هو. ماڻهن کي جو اها خبر پئي ،سو هر چور چڪار جو مائٽ صوفي خيرمحمد کي ايلاز منٿون ڪري پنهنجي قيدين لاءِ سفارش ڪرائيندا هئا. آخر مير علي مراد به تنگ ٿي پيو . هڪڙي ڏينهن هن صوفي خيرمحمد کي سمجهايو ، ۽ پوءِ ڪانئس ڏاڙهيءَ تي هٿ رکرائي واعدو ورتائين ته هو ٻيهر ڪنهن ڏوهيءَ جي سفارش نه آڻيندو . هي فقير اجا ڏاڙهيءَ تي انجام ڏيئي دربار مان ٻاهر مس نڪتو ته اتي ئي هڪ پوڙهيءَ اچي الله جو نانءُ وڏس ته مون کي منهنجو پٽ ڇڏائي ڏي . ان دم ئي موٽي آيو دربار ۾، ۽ مير کي ان پوڙهيءَ جي پٽ کي ڇڏڻ جي سفارش ڪيائين . مير علي مراد ڪلي چيس ته" فقير، اجا هاڻي ڏاڙهي ڏئي وئين ۽ هاڻي ئي سفارش ڪٽي آيو آهين!"

خير محمد هيسباڻيءَ چيس ته " پوڙهيءَ الله جو نانءُ وڏو ، تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ پنهنجي ڏاڙهي وڌم، ۽ ٻئي ۾ الله جو نانءُ ! الله جو نانءُ منهنجي ڏاڙهيءَ کان ڳرو ٿيو." مير ڪلي اها سفارش به مڃي !

مير علي مراد جي موسيقيءَ جي محفلن ۾ خوش خيرمحمد هيسباڻي پاڻ حاضر رهندو هو ۽ سندس ڪلام پڙ انهن محفلن ۾ ڳايو ويندو هو . انهن ڪڇهرين ۾ فقير نانڪ يوسف پڙ ايندو هو.

خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ وٽ، سندس ئي ذات وارو هڪ فقير 'پيارو فقير' رهندو هو، جيڪو سندس خاص خدمتگار هو، پر چوريون به ڪندو هو. هو هڪ رات جو پل ۾ خيرمحمد جي جتي پائي چوريءَ تي ويو . پاڳيا پيرا وٺي اچي خيرمحمد هيسباڻيءَ جي جاءِ تي نڪتا، ۽ پيرن واري جتي به سڃاتائون ، پر ان ڳالهه تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويساهه ئي نه آين ته اهو خوش خيرمحمد جو ڪم هوندو . ان تي خيرمحمد هيسباٽيءَ ڳالهه ڪي تاڙي ورتو . ان پنهنجي منهن پياري فقير ڪي چيو ته " غريبن جي گهرن ڪي ڪاٽ ٿو هٽين، الله جي گهر ڪي ڪاٽ هٽين ها ته ڪجهه هٿ ته اچي ها."

خوش خيرمحمد جي پائرن لاڪيرن ۽ هندن جي زمينن تي قبضا ڪيا. ڪيس هليو. پيءَ ڏر خوش خيرمحمد ڪي شاهد واريو ته هيءُ سچي شاهدي ڏيندو. پئي طرف سندس پائرن طرفان زور پيو ته اسان جي فائدي ۾ شاهدي ڏي. جڏهن فيصلي وقت ڪانئس پڇا ٿي ته چيائين ته " ان زمين ۾ منهنجي پائرن جو پيندِ (پٽر) به ڪونهي." ان تي زمين مالڪن ڪي موٽي ملي ، ۽ پائر خوش خير محمد تي ڏاڍو ناراض ٿيا.

خوش خير محمد هيسباٽيءَ 1294هـ جي 2 محرم تي، ٽڳڙن جي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي . عيسوي سن 1877ع آهي . ڪيس ان ڳوٺ ۾ ئي دفن ڪيو ويو. 1905ع ۾ ٽڳڙن جي ڳوٺ ڪي درياهه پائڻ لڳو، ان ڪري سندس لاش ڪي ڪيرائي خيرپور ضلعي ۾ ڪروندِيءَ جي پرسان دفن ڪيو ويو، جيڪو ڳوٺ اڄ تائين خوش خير محمد هيسباٽيءَ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اتي سال به سال 17، 18 ۽ 19 ذوالحج تي ميلو لڳي ٿو.

خوش خير محمد کان پوءِ سندس پٽ درمحمد گاديءَ تي ويٺو، جنهن کي در محمد مست چوندا هئا. در محمد مست پڻ ڪافيون لکيون آهن. ان کانپوءِ خير محمد ٻيو گاديءَ تي ويٺو. جنهن بعد در محمد ٻيو گادي نشين ٿيو، جيڪو پڻ سنڌي، سرائڪي ۽ فارسيءَ جو سٺو شاعر هو. سندس ڪافيون ٽر ۾ اڃا تائين ڳايون ۽ جن ٿيون. پڻ صوفين جو هڪ عملي مرقعو هو. هر ملندڙ کي "محبوب" ۽ "شهنشاهه" سڏيندو هو. در محمد کان پوءِ هاڻي خيرمحمد ٽيون گادي نشين آهي.

خير محمد هيسباٽيءَ جي پونئيرن مان فقير فتح علي هيسباٽي آهي، جيڪو اڳئين زماني جي صوفي فقيرن جو هڪ مثال آهي. هو صاحب هڪ عجيب ۽ بي باڪ شخصيت جو مالڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. سندس نڪتا رس پريا آهن ۽ ڪلام صوفياڻو. سندس ٻه فرزند فقير امداد علي ۽ فقير عشاق علي ٻه موسيقيءَ ۽ ادب جو سٿو ذوق رکن ٿا، ان ئي خاندان مان فقير منظور علي هيسباڻي سٿو ڳائڻو آهي. خوش خير محمد جو شجرو هن ريت آهي :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير سائين درمحمّد (دوم) هيسباڻي جو خاندانی سلسلو هيٺ ڏجي ٿو.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

خوش خير محمد جي شاعري ۽ مٿس سچل سرمست جو اثر

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي زماني تائين، سچل سرمست سنڌي ڪافيءَ کي ڪيتريون ئي نيون هيئتون ڏئي چڪو هو، ۽ سندس فني توڙي فڪري صلاحيتن جي ڪري ڪافيءَ جي صنف عام ۽ مقبول ٿي ويئي هئي. شاھ لطيف جي شاعريءَ کان پوءِ سنڌي شاعري ارتقا جو هڪ ٻيو اهم ڏاڪو چڙهي چڪي هئي. اُونهن خيالن، هلڪن مترنم لفظن ۽ علامتي تصوف جي جاءِ رنداڻي ۽ بيباڪ اظهار ، وڇندڙ ۽ گجگوڙ ڪندڙ اچارن وارن لفظن ۽ والهانہ بيخودي ۽ واريءَ موسيقيءَ، ۽ سڌي سنئين اعلا نيءَ شاعري ورتي. غنائي شاعري وائيءَ کان اڳتي وڌي ، ڪافيءَ جا ڪيترائي رنگا رنگ گهاڙيٽا پاڻ ۾ سمائي چڪي هئي، سچل سرمست جي ڇڏيل ورثي کان سواءِ خوش خير محمد ۽ سندس ساٿاري سنڌي ڪافيءَ جي صنف سان دلچسپي رکي، ۽ ان ۾ واڌارا ڪندا رهيا. اُن دور جي سڀني ڪافي چوندڙ شاعرن جي شاعريءَ تي سچل سرمست جو باغياڻو ۽ رندي انداز ، سندس ڪافين جي گهاڙيٽن جي نواڻ، ۽ سندس اترادي لهجي واري مٺي ٻولي ، انهن سڀني صفتن جي گهري ڇاپ خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ جي شاعريءَ ۾ موجود آهي :

پاڻ ڏسي ٿو پنهنجو تماشو
(سچل)

آئين صورت جو سينگار ڪري
پنهنجو پاڻ ڏسڻ لئہ پير پري
(خير محمد)

سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وٽي نہ وٽي
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم ٻٽي نہ ٻٽي
(سچل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ ڪنهن نہ وڻي سو تہ ڪيئن چوان
جيئن ٿو عشق چوي تيئن ٿو ٻيءَ پوان
(خير محمد)

اگر اثبات کو جانو نہ هر گز تم گدا هوگا
يقين کرنا گدا گر هو و ليکن خود خدا هوگا
(سچل)

ڪهو تم ڪون جوئنده خداوندا يا بندا هئہ
(خيرمحمد)

اک نہ نالا فقير ڪيون سڏاوندئين
عشق دي ميدان وچ مول نہ اوندئين
(سچل)

اندر دل دي رکندئين غير
ڪاهي کو درويش سڏاوندئين
(خير محمد)

تون تہ آدم اصلي ناهين
پول نہ ٻئي ڪنهن پل
(سچل)

پنهنجو نهارج پاڻ ۾
چولي اندر چئنچل
(خير محمد)

مٿئين ٻنهي ڪافين جو گهاڙيٽو، توڙي قافيو ساڳيو آهي، خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي هڪ ڪافيءَ تي، سچل سرمست جي بزرگ، ميان صاحب ڏني فاروقيءَ جو اثر پڻ ملي ٿو:

هڪ من جو موهن مون سان ملي
ٻي خلق ساري پل ڪلي
(صاحب ڏنو)

موهن ميڏي من پانوڻا
ڪيا ڪريسي لوڪ اياڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته خيرمحمد هيسباڻيءَ جي دور تائين سچل سرمست جي شاعري ، عام مقبول ٿي چڪي هئي، سچل سرمست کان پوءِ ايندڙ شاعرن تي خاص طرح خيرمحمد هيسباڻيءَ جي شاعريءَ تي سچل سرمست جي اسلوب، گهاڙيٽي ، توڙي فڪر جي ڇٽي ڇاپ آهي . ڪٽي ڪٽي ته خير محمد هيسباڻيءَ جا گهاڙيٽا ، خيال ٻولي توڙي اسلوب سچل سرمست وارا آهن، ته ڪٽي وري خير محمد هيسباڻي سچل سرمست جي فڪر، ٻوليءَ يا اسلوب کان متاثر ٿيو آهي، پر گهاڙيٽو پنهنجو استعمال ڪيو اٿائين. خير محمد تي سچل جي همعصر گهرام فقير جو پڻ اثر آهي .

خوش خير محمد ۽ سندس هم عصر

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو دور سنڌي ڪافيءَ جي اپار جو دور هو. انهي دور ۾ اتر توڙي لاڙ ۾، سنڌي ڪافيءَ جا بهترين شاعر موجود هئا. هڪ طرف بيدل، نانڪ يوسف ۽ حمل هئا، ته لاڙ ۾ قطب شاهه، پير اشرف ڪاماري وارو ڪافيءَ جي خاڪن ۾ دلڪش رنگ روپ پري رهيا هئا.

ان دور ۾ ڪافيءَ جا شاعر، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح هڪ ٻئي سان لاڳاپي ۾ رهندا هئا. سڌيءَ طرح ائين جو هڪ شاعر هلي ڪري ٻئي شاعر وٽ ويو، ۽ سندن روح رهاڻ ٿي، هڪ ٻئي جون ڪافيون بيت ٻڌائون، ۽ اڻ سڌيءَ طور ان ريت جو هڪ شاعر جي ڪافي مقبول ٿي ڳائڻن ذريعي عام ۾ مشهور ٿي ويئي، ۽ ٻئي شاعر کنهن ڏورانهين ڳوٺ ۾ اهي ٻول ٻڌا، ۽ پوءِ انهن ئي ٻولن جي پران ساڳيءَ طرح تي ڪافي چيائين - ۽ اهڙيءَ ريت هڪ طرز جون ڪي ئي ڪافيون زبان زدِ عام ٿي ويون.

صوفي خير محمد هيسباڻيءَ جي وقت ۾ به اهڙي ڏي وٽ ٿي — هن صوفي شاعر جي ڪلام ۾ ڪيترائي اهڙا شعر آهن ،جن ۾ سندس هم عصرن جي ڪلام جون جهلڪيون نظر ٿيون اچن- اهو چوڻ مشڪل آهي، ته پهرين اهو ڪلام ڪنهن چيو، ۽ ڪهڙو شاعر ان کان متاثر ٿيو.- چو ته ان دور جي شاعرن ڪهڙيءَ ترتيب سان ۽ ڪهڙين تاريخن تي ڪهڙيون ڪافيون چيون، اهو اندازو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳائڻ مشڪل آهي، ڇو تہ ان دور ۾ قلمي نسخن تي شاعر جي ڪلام ڇوڙ جي تاريخ نہ وڌي ويندي هئي. خوش خير محمد هيسباڻيءَ ۽ سندس ساٿارين جي شعر ۾ جيڪي هڪ جهڙيون ڳالهيون آهن، انهن مان اهو پتو لڳائڻ مشڪل آهي تہ اهو ڪلام اڳ ۾ خير محمد چيو، ۽ پوءِ خير محمد هيسباڻي انهن کان متاثر ٿيو. اهو معلوم ڪرڻ ۾ نا ممڪن آهي، تہ هر عصر شاعرن مان ڪو خاص گهاڙيٽو يا ڪا خاص طرز ڪهڙي شاعر ايجاد ڪئي . انهن سڀني ڳالهين هوندي ۾ اها خبر پوي ٿي تہ ان دور جا شاعر هڪ ٻئي سان رابطي ۾ هوندا هئا. انهن جو ڪلام سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح هڪ ٻئي تائين پهچندو هو، ۽ ان کي پسند ڪري ان ۾ران ٻيا پنهنجا ڪلام چوندا هئا. ان دور ۾، هميشہ وانگر هر عصر شاعر هڪ ٻئي کان متاثر ۾ ٿيندا هئا، تہ هڪ ٻئي کي متاثر ۾ ڪندا هئا.

سچل سرمست جو اثر صوفي خيرمحمد هيسباڻيءَ تي ظاهر ظهور آهي ! ان کان پوءِ ٻيو شاعر جيڪو خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ جو هم عصر هو ۽ جنهن جي ڪلام جي سندس ڪلام سان مماثلت آهي ، اهو آهي بيدل.

لڳي ٿو تہ هي ڪلام، هنن مان ڪنهن هڪ ، ٻئي جي شعر کان متاثر ٿي لکيو آهي :

ڪانگ لنوي منڌي لات- مارو مسافر ڄاڻ ڪي ايندا

(بيدل)

ڪاڪيون ڪانگ لنوي ٿو

ايندا اڄ ڪِر سياڻي.

(خير محمد)

هيٺ ڏنل بيدل ۽ خير محمد جي ڪلام ۾ خيال جي هڪ جهڙائي آهي:

بار برهہ دا باري جو ڄاتا

عرش ملڪ افلاڪ نہ ڄاتا

عاشق سارا سر تي اُنايا.

(بيدل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افلاكان سر آڇ كڙو تا ملكان منهن نہ لائي
اها سڻ بار ملامت.

كن كافين ۾ بيدل ۽ خير محمد جو گهاڙيٽو ، توڙي قافيو هڪ جهڙو آهي:

دعويٰ دورنگيءَ جي ڇڏي وحدت ڏي چت جو چاهه ڪر.
(بيدل)

ڪر همت ڇڏ حرصَ آهي دور دنيا دم گذر
(خير محمد)

حسن دا جلوا ڪعبہ قبلہ عشق اسا ڈا امام .
(بيدل)

نينهن پڑهائي نماز ، عشق ٿي آيو امام اسان جو.
(خير محمد)

تخت هزاري دا صاحب ويكو ڳليان وچ قريندا
(بيدل)

تخت هزاري دا مالك جانب جوڳي ٿي آيا.
(خير محمد)

بيدل كان پوءِ خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ جو ٻيو مشهور ۽ اهم همعصر نانك يوسف آهي. خير محمد ۽ نانك يوسف جي اباڻن ڳوٺن جي وچ ۾ ڪو وڏو مفاصلو نہ آهي. ٻنهي شاعرن جو خيرپور جي ميرن سان تعلق هو، ان ڪري لازمي آهي تہ ٻئي شاعر هڪ ٻئي سان مليا هوندا، روح رهاڻيون ڪيون هوندائون ۽ ٻنهي شاعرن جو ڪلام ڳائڻن ذريعي هڪ ٻئي وٽ پهتو هوندو. هيٺ ڏنل كافين جو گهاڙيٽو ساڳيو آهي، ۽ لڳي ٿو تہ هڪ شاعر ٻئي كان متاثر ٿي اها كافي چئي آهي:

سڻي پورب جو پيغام، سامي سنك وڃائن تا
(خير محمد)

نانگا نينهن كيا نروار ، مر جي رام ريجهائن تا.
(نانك يوسف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ساڳئي گهاڙيٽي ۽ قافيي تي، ٻن ٻين شاعرن جون ڪافيون به آهن ، جيڪي پڻ خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ جا هم عصر آهن. لڳي ٿو ته اها طرز پنهنجي وقت جي ڏاڍي مقبول طرز هئي، جنهن تي ان دور جي مشهور ۽ ماهر ڪافي چوندڙ شاعرن پنهنجا ڪلام چيا .ٻيا شاعر جن جون ڪافيون مٿئين طرز تي ملن ٿيون، اهي آهن عثمان سانگي ۽ قطب شاهه .عثمان سانگيءَ ته خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ سان ملا قاتون به ڪيون. قطب شاهه جي ڪافي هيٺينءَ ريت آهي:

لڳي لاهوتين کي لاڳ، جوڳي من ۾ مچ مچائن تا.
(قطب شاهه)

نانڪ يوسف ۽ خوش خيرمحمد جي ڪيترين ئي ڪافين ۾ هڪ جهڙائي نظر ٿي اچي .

دم دم اسان ڏي دل تي هڻ تانگهه تيڏي پيارا.
(خير محمد)

دم دم اسان ڏي دل تي سڃڻان ديان ڳالهيان.
(نانڪ يوسف)

دلبر آيا مئڏي ديس، آمل سيان ڏيوو مبارڪ.
(خير محمد)

دلبر ديس اساڏي آيا، واهه برهه دي بهار لڳي.
(نانڪ يوسف)

جيوين ڪرامت ڪشف اکيندي
عاشق ايوين نهين لکيندي.
(خير محمد)

لکا ڪرامت ڪشف منيندي
ڪنز قدوَري هنر ٻڌيندي
(نانڪ يوسف)

عشق جڏيا جس پايا هڻ
تس واهه اسلام جڳايا هڻ
(خير محمد)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آج سجن ڪيون نہ آيا هئ
ڪنهن ڏوتي ني پرمايا هئ

(نانڪ يوسف)

هر مظهر وچ حاضر هوندي همت دي مرداني وهوا

(خير محمد)

آپ هو يا بتخاني دلبر ، آپ يا مئ خاني وهوا.

(نانڪ يوسف)

بجليان واه برساتا لايان
ٽا ٽا ناچ نچايا هئ
نال تماشي ٽيا ٽيا.

(خير محمد)

ٽا ٽا ٽا ٽا ٽيا —عشق حق نگاهان .

(نانڪ يوسف)

متي ڏنل مثالن مان آخري مثال ۾، موسيقيءَ جو ناچ سان لاڳاپو ظاهر ٿئي ٿو . اها "نرت تال" جي موسيقي ۽ ان جا بول نانڪ يوسف وٽ عام ملن ٿا، ان ڪري پائنجي ٿو ته ان قسر جي شاعريءَ ۾، خير محمد تي نانڪ يوسف جو اثر پيو آهي . عثمان سانگي (1778ع- 1860ع) خير محمد هيسباڻيءَ جو نہ فقط اهر ۽ مشهور هم عصر هو، پر ٻئي مرشد پائي پڻ هئا. هنن جون ملا قاتون ۽ ڪچهريون بہ ٿيندیون رهنديون هيون .عثمان سانگي ۽ خير محمد جي ڪافين ۾ پڻ هڪ جهڙائي ملي ٿي.متي ڏنل ڪافي، جنهن جي طرز تي عثمان سانگيءَ جي ڪافي پڻ ملي ٿي:

سڻي پورب جو پيغام
سامي سنڪ وڃائن ٿا.

(خير محمد)

صوفي صافئون صاف
خيال سان الف جڳائن ٿا.

(عثمان سانگي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڑي هڪ ٻي ڪافي پڙ آهي ، جنهن ۾ پڙ ٻنهي شاعرن مان ڪو هڪ ٻئي شاعر کان متاثر ٿيل ٿو پائجي :

ڪيا انصاف ويکان تيڏي آوڙ دا
ڏاڍا لائق ڪيتي ليئي پاوڙ دا

(خير محمد)

ڏاڍا لڪ ڪيتئي ليئي پاوڙ دا
ڪيها عرض پيوئي آوڙ دا

(عثمان سانگي)

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو عثمان سانگيءَ سان ايترو اُنس هو، جو عثمان سانگيءَ جي وفات سندس دل کي ڏڪ هنيو، ۽ هن عثمان سانگيءَ جي وفات جي سانحي تي ڪلام چيو:

عثمان عاشق آفرين پنهنجو جسر پروان ڪيئي
منجهه طالب جي توهه ۾ نالو صحيح نيشان ڪيئي

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام تي بلا شاهه جي اثر جو اولڙو پڙ پيو آهي. صوفياڻي شاعري، خصوصاً وحدت الوجود ۽ "همه اوست" جي نظريي واري شاعري ان دور ۾ نه فقط سنڌي ڳالهائيندڙ ايراضين ۾، پر سرائڪي توڙي پنجابي ڳالهائيندڙ ايراضين ۾ مقبول عام هئي. بلا شاهه ۽ فريد اڃا تائين سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳايا ٿا وڃن .بلا شاهه جي هڪ ڪافيءَ جو اثر خوش خير محمد تي ٿيو ڏسجي ٿو :

بلا شاهه جي هڪ ڪافيءَ جو هڪ بند آهي :

اسان آدم ڪنون اڳي هياسين
آدم سا ڏاڍا ڄايا
الهه آدمي بن آيا.

خوش خير محمد هيسباڻيءَ پڙ چيو آهي ته :

خوشيءَ پنهنجي خاڪ رليا سي
نه ته آدم ڪان اڳي هيا سي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش خير محمد جو پوين شاعرن تي اثر:

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو جم 1224هـ آهي، ۽ خواجه فريد 1261هـ ۾ ڇائو. ان لحاظ کان خير محمد جي عمر ٽيهن سالن کان به مٿي هئي جو خواجه فريد ڇائو هئو. خوش خير محمد جي کلام ۾ به کافيون اهڙيون آهن ، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته انهن جو اثر خواجه فريد تي پيو ڇو ته خوش خير محمد شاعريءَ جي چوٽ تي هوندو هو ته خواجه فريد جو جنم ٿيو.

خوش خير محمد چيو آهي :

رند روز شب آهن سدا وحدت جي وادي ۾ غرق.

خواجه فريد جو کلام آهي :

آهن قلندر روز شب پنهنجي خودي ۾ خود غرق.

مٿئين کلام ۾ نه فقط وزن، بهر، گهاڙيٽو ۽ مزاج ساڳيو آهي، پر قافيو به سا ڳيو آهي ،ائين ٿو لڳي ته خواجه فريد خوش خير محمد جي کلام جي طرح تي لکيو آهي.

سهڻي صورت ويک سبحان کهون
اي جهان سارا لا مکان آيا
(خوش خير محمد)

بن دلبر شکل جهان آيا
هر صورت عين عيان آيا
(خواجه فريد)

مٿين کافيءَ ۾ به خواجه فريد ، خيرمحمد هيسباڻيءَ جو اثر قبول کيو آهي. مولوي عبدالغفور هماياني به کافيءَ جو مشهور شاعر آهي، ۽ هن انهيءَ صنف ۾ کافي نواڻ پيدا کئي آهي. خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي کلام کيس به متاثر کيو آهي .خوش خير محمد جي کافيءَ جا مصرعا آهن:

تنهنجي پنبڑين جا پيکان چوان
اهي نندڙا بڙچون بان چوان
تنهنجا ابرو سيف ايران چوان
کيڏو کيس کري کن دست دليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولوي عبدالغفور همايونيءَ جي ڪافي آهي :

تنهنجي صورت گل گلاب چوان
يا ملڪ سندو مهتاب چوان
تنهنجي قد سڏي ڪي ڪان چوان
يا بيشڪ الف ايران چوان.

خير پور جي هڪ شاعر سبحان فقير به خير محمد جو اثر قبول ڪيو آهي:

محبوب جي ميلاپ جي قاصد خبر ڏي ڪا ڪري
(سبحان فقير)
طالبن توحيد جي آندي خبر خاصي ڪري
(خير محمد)

ساڳيءَ طرح مير راز محمد تي پڻ مٿينءَ ڪافيءَ جو اثر معلوم ٿو ٿئي، جو ساڳئي ئي رنگ ۾ مير راز محمد چوي ٿو ته :

قاصد ادا وچ يار ڏي، آڻج اوڏانهن خوش خبر

سنڌ جي هڪ ٻئي اهم شاعر حسن بخش شاهه ڏنڙي واري پڻ خوش خير محمد جو اثر قبول ڪيو آهي .حسن بخش شاهه جي هڪ ڪافي آهي :

هن عشق جي آڙاهه ڪئين هزار ٻهڪڙ ٻاريا

اها ڪافي خوش خير محمد جي هيٺينءَ ڪافيءَ ڪان متاثر ٿي چيل ٿي لڳي:

انهي سيف ابروءَ جي سوين مانجهي هزارين ماريا

خيرپور جا ٻيا ٻه شاعر، مير امير علي ٽالپر ۽ قائم فقير پڻ خوش خير محمد هيسباڻيءَ ڪان متاثر ٿيا آهن .

مير امير علي ٽالپر جي هڪ ڪافي:

عشق اچي تڏهن سر نائن ٿا
جڏهن موت حياتي پائن ٿا

خوش خير محمد جي هن ڪافيءَ ڪان متاثر ٿيل آهن:

جڏهن هر صورت حق پائن ٿا
تڏهن صوفي اچي سر نائن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم فقير جي كافي آهي :

تنهنجي حسن كيا حيران سوين سلطان چوان.

اها كافي خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي مشهور ۽ مقبول كافيءَ "پسي صورت جو سلطان هم حيران لڳي" تان متاثر ٿيل آهي. خوش خير محمد جي ان كافيءَ جي گهاڙيٽي جي سونهن سنڌ جي كيترن ئي شاعرن كي متاثر كيو ، ۽ ان كان پوءِ كيترن ئي شاعرن ان طرح تي كافيون چيون .

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي كلام جي اپياس مان ظاهر ٿو ٿئي ته مٽس سچل سرمست جو گهرو اثر آهي، ۽ هو پنهنجي هر عصرن سان سڌيءَ اڻ سڌيءَ طرح رابطي ۾ هو، ۽ انهن مان كن كان متاثر ٿيو آهي ۽ كن كي متاثر كيو اٿائين، ۽ پاڻ كان پوءِ ايندڙ شاعرن تي به گهرو اثر كيو اٿائين.

مرشد سان عقيدت ۽ دوستن جي ياد:

خوش خير محمد هيسباڻي نظرياتي طور نوسهري جي پير عبدالحئي جو مريد هو، ۽ جا بجا ان جو ذكر كيو اٿائين .

خير محمد شاهه عبدالحي دي
برهه لائي برسات

* * *

خير محمد هر فقر جو خادم نوشهري سيس نوايو

* * *

خير محمد شاهه عبدالحي دي در دي ان مئن پردي

* * *

خوش خير محمد مُلهه خريد بندو
آهي عاشق عبدالحئي سندو

* * *

هونئن خير محمد دونو جڳ ۾ عشق عجب سرمايا هئ
عاشق عبدالحي ميري گر ايوين آك سڻايا هئ

پنهنجي مرشد، شاهه عبدالحئي جي خاندان مان، پير نول گهوٽ به خير محمد جي ئي حياتيءَ ۾ جاڙو ، جنهن جي جمڙ تي هن لكيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نول گهوٽ نوشهري دي وچ
ڪيتان عشق آبادیان

سنڌ جي ٻين ماڻهن وانگر خوش خير محمد قلندر شهباز سان به عقيدت رکندو هو، ۽ ان جو اظهار هن مشهور ڪافيءَ "اچي حاضر حسيني ٿي قلندر لال مروندي" ۾ ڪيو آهي.

هڪ ٻيءَ ڪافيءَ ۾ هن خواجه عبدالله کي ڳايو آهي ، جنهن لاءِ لطف الله بدويءَ لکيو آهي ته " هرات جو رهڻ وارو هو، ۽ ڪاملن مان هو."

عثمان سانگيءَ سان به خاص رهاڻيون هئس. عثمان جي وفات تي هينيون ڪلام چيو اٽائين:

عثمان عاشق آفرين
پنهنجو جسم پروان ڪيائين

خوش خير محمد جي رومانويت:

خوش خير محمد، سنڌي توڙي سرائڪي ڪافين ۾ هڪ نئين اسلوب، توڙي نئين تاثر جو اظهار ڪيو .خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪافين ۾ هر موضوع تي رومانويت جو وٽندڙ رنگ چڙهيل ملندو . اهو اثر، سندس هر عصرن توڙي ڪانئس اڳ آيل شاعرن وٽ پڻ ملي ٿو، پر ڪٿي ڪٿي، ۽ اهو ايترو رچيل نه آهي، جو انهن شاعرن کي رومانوي شاعر ڪري ليکجي .شاهه لطيف توڙي سچل سرمست تصوف تي رومانويت جو پوش چاڙهيو ، ان اسلوب جي چوٽ خير محمد هيسباڻيءَ وٽ ٿي_ خير محمد جي هر ڪافي مجاز جي رنگ ۾ رنگيل آهي. هن وٽ سونهن جو بيان سراپا تائين وجيو پهچي. هن کي صوفياڻي فلسفي، همه اوست جي ڳوڙهن ۽ منجهيل مسئلن جي بيان ڪرڻ وقت به پرينءَ جا پار نظر ٿا اچن . اتر توڙي لاڙ ۾، ان اسلوب جي انتها هن شاعر وٽ ئي نظر اچي ٿي. سندس کي ڪافيون ته انتها پسند رومانويت Extremist Romanticism جو اظهار آهن:

عشق سارا تقدير، متان ڪو تدبير هلاوي

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني عشق اڻ ٽر آهي ان اڳيان کا بہ تدبير نٽي هلي سگهي -هٽ پير هٽڻ اجايو آهي-قاسڻ کان پوءِ قٽڪڻ جو ضرور ڪونهي.

رمزن غمزن جهرمر لائي
ڪوئل قمريءَ قم قم ڳائي
مينا طوطي مست ٽي آئي

هن بند ۾ نہ فقط هڪ خوشگوار ماحول پيدا ڪيو ويو آهي. پر لفظن جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي- (رمزن، غمزن، قمري،قم قم) اٽاهہ موسيقيت پيدا ڪري ڇڏي آهي .

آتش بازي عشق اٽاري
پچو پتگن کان اها سڌ ساري
اول اٽئي آڙاهہ خليلي
پوءِ برهہ ۾ باغ بهاري

هن سڃيءَ ڪافيءَ تي مجاز جو رنگ ڇانئيل آهي:

ڪي جو ڪالهہ اکيون ڏسي آيون
هاڻي رهن نہ ٽيون ڪنهن جي رايون
بعضي چوري بعضي زوري
کا جا لڳي اٽن عشق جو لوري
راز وڏي تہ ريجهايون

ساڳيءَ طرح هيٺين ڪافين ۾ عشق ءِ "عقل" جي موضوع کي ڪهڙي نہ پياري انداز ۾ بيان ٿو ڪري- اهو موضوع هن ڪافيءَ ۾ نت نئون ٿو لڳي .

عشق اچي مون سان ڪيون ڳالهيون
ڏسڻ نہ جهڙيون، سلڻ نہ جهڙيون
هر دو جهان جي حجابن واريون
سپ پڌر اچي پيون
علم عقل جو اڳ ٻڌيون سي
نيهن سڻايون نيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسن جون فوجان سر عشاقن
اچي امالڪ پيون.
خوش خير محمد قبل ماضيءَ جون
حال وحدت ۾ ويون.

هينئين سرائڪي ڪافي، تشبيهن جي ڪري رومانويت جو خوبصورت مثال ٿي پئي آهي:

وهه سير چمن ۽ گلزاري وي
مست اکين مخمور ويکو
جوڙ محبوب آون جهڙ بادل
زلفان ميگهه ملهاري وي
چشمان ڪجل دا ڪلور ويکو
حسن ديان بجليان برهين واليان
آون بي اختياري وي
تجليان سي ڪوهه طور ويکو

هيءَ ڪافي ،خوشبو، رنگ ۽ سونهن جو سهڻو ميلاپ ٿي آڇي:

چٽي زلف اتي رخسار ميان
ڪيي ڪا ڪل برهه بازار ميان
هر جاءِ حسن دي هوءِ ويکو
سارا ملڪ مڙئي خوشبوءِ ويکو
واهه واهه حسن هيڪار ميان
جيوين عنبر مشڪ تتار ميان

متي ڏنل سيني ڪافين ۾ رڳو مجازي رومانويت آهي. انهن ۾ تصوف جا پيچيده خيال آهن، پر انهن کي ثانوي حيثيت آهي. هنن سيني ڪافين تي مجاز جو رنگ غالب آهي. هنن ڪافين ۾ خير محمد جو محبوب انسان آهي، ڪارين ڪجلين اکين وارو، رخسارن وارو، جنهن جا زلف ميگهه ملهار آهن ، جتي اکيون ڪڏهن چوريءَ ، ته ڪڏهن زوريءَ وجيو اٽکن .

هنن ڪافين ۾ مجاز جو هڪ نئون نڪور، مترنم ۽ تاثراتي اظهار آهي. اهو اظهار، سادي، سلوٽيءَ، پر شاعراٽيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي. انهن ڪافين ۾ اوچتي من اچل آهي. ڪٿي ڪٿي فارسي روايتن توڙي لفظن جو جهلڪو آهي.

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي هيٺين ڪافي ، انهن سنڌيءَ ۽ سرائڪي ڪافين ۾ مٺيري رهندي، جيڪي ڪنهن سهڻي جي سونهن کي بيان ڪرڻ لاءِ چيون ويون آهن. توڙي هن ڪافيءَ ۾ مڪمل طور تي "سراپا" جي ٽيڪنڪ ناهي ، پر اهو رنگ موجود آهي:

ويکن نال دلين لٽ نيندا هئ
چشمان چست جڏان ول چئيندا هئ

اکيان مست قدح مخمور ڏونهين
نينان نور پريان گهتن گهور ڏونهين
نازان ناز ڪرن چڪ چور ڏونهين
جڏهن ڏار ڪجل دي ڏريندا هئ

لب لعل سونهن سرخي نال اوپر
بنيا نيلم دانہ خال اوپر
ويکو غنچہ دهن مشڪ مثال اوپر
هڻ پان مساڳ ملينداهئ

ٻئنسر بيني نقش نراڙ بنيا
جهالر جهومڪ جهومر دار بنيا
دهري دام دلين هس هار بنيا
ڳل مالها پاکي مريندا هئ

خوش خير محمد ڪيهي بات سلي
جيوين شيش محل ۾ شمع بلي
اٽان ذات صفات دا هل هلي
نحن اقرب آپ اليندا هئ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪافيءَ ۾ اکين، چپن، نراڙ ۽ وات سراپا جو حصو آهن، ته پان، مساڳ، بئنسر ۽ هار سينگار جي شاعريءَ جا لوازمات آهن. هيءَ ڪافي نه فقط "سينگار" ۽ "سراپا" جو سهڻو ميل آهي پر ان سان گڏ فارسي ۽ هندي شاعريءَ جي روايتن جو حسين امتزاج پڻ. هن ڪافيءَ ۾ غنچئه دهن به آهي ته ساڳيءَ سٽ ۾ پان ۽ مساڳ پڻ. هن ڪافيءَ جي آخري بند ۾ جيڪو عڪس پيش ڪيو ويو آهي، اهو نه فقط انوکو آهي، پر ڪمال جو پڻ:

خوش خير محمد ڪيهي بات سلي
جيوين شيش محل ۾ شمع ٻلي
اٿان ذات صفات دا هل هلي
نحن اقرب آپ اليندا هئه

شيش محل ۾ شمع جو ٻرڻ _ لامنتها Infinity عدد ۾ عڪس _ روشنين جي نه ڪٽندڙ جهرمر.

فارسي شاعريءَ جو اثر:

خوش خير محمد هيسباڻيءَ ڪافين ذريعي فارسي شاعريءَ جي ڪيترين ئي روايتن کي سنڌيءَ ۾ آندو آهي. هن سچل سرمست جي تقليد ۾، فارسي بحر وزن ۾ ڪافيون لکيون آهن، جيڪي ڳائجن ته ڪافيءَ وانگر ٿيون، پر انهن جو گهاڙينٽو، وزن توڙي قافيي جي ترتيب فارسي آهي، جيئن:

سرڪ تي ساقي مٽي ٿو ڏس متارن جا متا
اصلئون اهو آئين تن خرچن ٻئي ناڻي نٽا.

هن ڪافي _ غزل ميل ۾ موڪيءَ جو موضوع آهي، جيڪو اڳي ڪنهن شاعر شايد ئي انهيءَ هيئت ۾ سمايو هجي. اهو پراڻي مضمون کي نئين انداز سان پيش ڪرڻ جو سهڻو تجربو آهي.

ان قسم جا گهٽائي ڪلام آهن، جيڪي ڪافي غزل جو ميلاپ آهن:

هن سيف ابروءَ جي سٽي مانجهي هزارين ماريا
کي ماريا کي جياريا کي عشق جا آزاريا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير محمد هيسباڻيءَ جي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جي اثر جو پيو نمونو آهي. سندس ڪلام ۾ فارسي تشبيهن، تلميحن ۽ ترڪيبن جو استعمال. خير محمد جي دور توڙي ان کان پوءِ جي دور تي فارسي شاعريءَ جو اثر غالب پوندو رهيو، پر ڪيترن شاعرن وٽ فارسي رنگ ڪري ايتري تہ اوپرائي ڇانئجي ويئي، جو سنڌي شاعريءَ جواصلي هڪاڻ ڏيجي ويو ۽ ائين پيو لڳي جڻ اها شاعري سنڌ جي زمين جي ئي ناهي. خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام ۾ جن ڪافين تي فارسيءَ جو اثر آهي، انهن مان اڪثر ڪافين ۾، هن فارسي لفظن، تلميحن، توڙي ترڪيبن جو استعمال اهڙي فنائتي نموني سان ڪيو آهي، جو انهن ۾ اها اوپرائپ محسوس نٿي ٿئي. اهڙيون ڪافيون ڪي ورلي ليندیون، جن ۾ اها اجنبيت محسوس ٿيندي، نہ تہ خير محمد فارسي روايتن کي متوازن حد تائين استعمال ڪيو آهي:

عشق فرض اچي ادا ڪيو ميان
ابروءَ جي محراب ۾.

ابرو ۽ محراب، ٻئي فارسي آهن، ۽ اها تشبيهہ پڻ فارسي شاعريءَ جي آهي:

مژگان نينان ڪئي ويرِ ماريئي
ابرو قوس قزح دي ڪمان آيا

هن ۾ مژگان، قوس قزح ۽ ڪمان جي تشبيهہ فارسي آهي، اها ست ڪجهہ اوپري لڳي پيئي.

چٽي زلف اتي رخسار ميان
ڪڍي ڪاڪل برهہ بزار ميان
مژگان مورچي صفان ٻڌ جوڙ ڪڙن
عاشقان نال امالڪ روز لڙن
چٽي نين تفنگ نروار ميان
ابرو سيف سٽن ڏو پار ميان.

هن فارسي ۽ سنڌي روايتن جو استعمال متوازن آهي. ڪاڪل آهن تہ برهہ جي بزار ہ آهي، نين تفنگ آهي تہ ڏوپار ہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هووين غبغب دي وچ غرق ايوين
هويا مشتاقان دا مرڪ جيوين
جيوين حسن دفتر وچ ورق ايوين
تنهن ڪون جام جما جر جر دا هئ.

هن بند ۾ غبغب ۽ جام جما جر جر دير هضر پيا لڳن.

تحقيق طوبا دا نهين رايا
سانون ڪاڪل سنبل دا سايا
جيڪو حسن دي حيرت وچ آيا
تنهن نون خيال زلف خر خر تا هئ.

اهي ئي ٻه ٽي مثال آهن، جن ۾ خوش خير محمد هيسباڻيءَ جا استعمال ڪيل فارسي لفظ اوپرا ۽ دير هضر پيا لڳن، نه تہ هن جيڪي ٻه فارسي لفظ يا ترڪيبون استعمال ڪيون آهن، اتي انهن کي سنڌي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو اٿس:

لب لعل سونهن سرخي نال اوپر
بنيا نيلم داڻا خال اوپر
ويڪو غنچہ دهن مشڪ مثال اوپر
هڻ پان مساڳ مليندا هئ.

هندي شاعريءَ جو اثر:

هندي شاعري شروعات کان سنڌي شاعريءَ تي اثر انداز رهي آهي. قاضي قادن کان سچل سرمست تائين اهو اثر ملي ٿو ۽ پوءِ ٻہ قائم رهيو. خوش خير محمد هيسباڻيءَ کان اڳ روحل فقير هندي ۾ ڪلام چيو ۽ ڪتاب لکيا. خير محمد جي همعصر نانڪ يوسف پڻ هندي ٻاڻيون چيون ۽ هندي ۾ شبد لکيا، هندي شاعريءَ جو اثر صوفي خير محمد هيسباڻيءَ تي ٻہ جابجا ملي ٿو:

عشق جڻيا جس پايا هئ
تس واهہ اسلام جڳايا هئ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهه اسلام جڳايا هئه، مر جي رام ريجهايا هئه
كهان هئه گنگا كهان هئه جمنا كهان ري كاشي جايا هئه
تجهه ۾ تكيا تجهه ۾ تيرٿ آپ ۾ آپ سمايا هئه

هيءَ كافي نه فقط هندي رنگ ۾ رڱيل آهي، پر "ويدانت" ۽ "تصوف" جو سهڻو ميلاپ آهي. اهي ٻئي تحريكون، سنڌي كلاسيكي شاعرن وٽ ملي، رواداريءَ واري ۽ بي تعصب دور جي نشاندهي كن ٿيون.

رام سمرتي سجاڳ پوري دل
رين ستي ساري رات گذر گئي هئه
جا كي ملو تم ساڏو كي سنگت
ليئي صاحب كا سهاڳ.

....

اي جڳ سارا جان سپنا
اسي نيند ۾ كيون سوتا
سنجهه پڙي تم سوتي سوتي
رين گجري اب كيون روتا.

خير محمد لاءِ رام ۽ جٹيو به هك علامت آهن، ته هن لاءِ محمد ميمر به علامت آهي. اهي علامتون كنهن حسين جميل حقيقت جون، جيكا ازلي ۽ ابدي آهي، جيكا محبت آهي، جيكا پيار آهي، سنڌ ۾ پيار، امن،محبت، رواداري، همدردي، ۽ پائيچاري جي وڻندڙ ماحول پيدا كرڻ ۾ خوش خير محمد جهڙن صوفي شاعرن وڏو اهم كردار ادا كيو.

خوش خير محمد ۽ ظاهري علم

فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ، سچل سرمست وانگر پنهنجي صوفياڻي اعتقاد جو كلايو كلايو اظهار كيو آهي. سندس ان قسم جي اظهار ۾ بي باكي آهي. هن وٽ، ان وقت جو رائج علم، ظاهري ڏيكاءَ واري معتبري ۽ مذهبي كٽر پڻي كان بيزاريءَ جو اظهار آهي. هن وٽ كشف ۽ كرامت كرڻ وارن ۽ مشائخن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ نفرت جو اظهار آهي. (حالانڪ اڳتي هلي، خير محمد هيسباڻيءَ جي وفات ڪان پوءِ سندس معتقدن هن کي وڏو ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب بنائي ڇڏيو.) هو چوي ٿو:

جيوين ڪرامت ڪشف اکيندي
عاشق ايوين نهين لکيندي
ڪاڻ مشائخي ڪين ڏهاکي
ڪوڙي خاص بناون ڏاکي
پرت بنا سڀ ڪوڙي پهاکي
پوک برهه دي نهين پڪيندي.

خير محمد وٽ، ڏهاڪا ڪيڻ، ۽ ممبر جي ڏاڪن تي چڙهي وعظ ڪرڻ ڪان برهه جي پوک پوکڻ بهتر آهي.

هيئينءَ ڪافيءَ ۾، عشق ۽ عقل جو مقابلو آهي. (صوفين لفظ عقل کي Wisdom جي معنيٰ ۾ نه، پر ظاهري ڪنڌ پٽي واري علم جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي.) عقل روايتي ڪتابن جو، ممبر جو، واعظ جو، ته عشق صوفي جو. عقل جيڪو نفرت سيکاري ٿو، عشق آڏو عاجز ٿيو پوي:

عشق جڏهن ٿيا آ اظهارا
گم هويا تڏهن عقل ويچارا
عشق ممبر چڙهه بنا واعظ
ويڙهه چلئي سڀ وهيان ڪاغذ
پڃ پري ٿيا علم سونهارا

جڏهن عشق آيو، ته عقل پنهنجا ڪاغذ سهيڙي پڄي ويو، ۽ ممبر خالي ٿي ويو. عشق ان ئي ممبر ئي چڙهي واعظ بنجي ويو.

ول ول مسئلي وعظ سڀيندئين
بنا عشق دا پڙهيا نهين
هٿ وچ تسبيح ڪرين طمع دي
من محبت وچ مڙهيا نهين
ٻڌ دستار ممبر تي ٻهندئين
چاڑهي عشق دي چڙهيا نهين

پيئڻ پيارڻ کان صوفين کڏهن به نه کٽايو آهي. سنڌ جي اکثر صوفي شاعرن لاءِ اهڙيون روايتون آهن، پر پوءِ ظاهري علم وارن انهن کي بدعت سمجهي، انهن روايتن جي تردید ڪئي آهي. خوش خير محمد هيسباڻي ان معاملي ۾ پڻ بي باڪ ٿيءِ ڪليو ڪلايو اقرار ٿو ڪري ته:

برحق بدعتي آهيون مولیٰ موالي تو سندا
سرکي سوائيءَ جي پيئون
تڏهن صاف ٿئي سارو هينئون
هن ڪيف ۾ ڪو دم جيئون
ٿين عشق عقل جا سنڌا

خوش خير محمد هيسباڻيءَ، ڪافيءَ جي صنف ۾، خمريات جي روايتي فارسي شاعريءَ واري موضوع کي آندو آهي. اهو تجربو، هيئت توڙي مضمون جي لحاظ کان هڪ انوکو تجربو آهي.

مئه دي نال جنهان مئه مٽي
تنهان نينهن نسنگ نباهيا
هڪ مئه مست ڪريندي بيخود
ڏوجهري ڪري دل ڪٽي
جنهن فرق فرعون ٻوڙايا
هڪ مئه تحت الثريٰ سڏيندي
ڏوجهي وصال جي وٽي
جنهن سوليءَ تي سر چڙهايا
هڪ مئه شرح منظور نه ڪيتي
ڏوجهي علم عقل هئه سٽي
عشق دا اپنا رايا

ظاهر جي پارسائن جي باري ۾ هو چوي ٿو:

اندر دل دي رکندئين غير
ڪاهي ڪون درويش سڏيندئين
سينا اپنا صاف نه رکندئين
ڏوندي اندر وچ رکندئين ڏير
باهر ڪون ول ڪيو ڏيندئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ٻولي:

صوفي خير محمد هيسباڻيءَ جي ٻولي سرائڪي ۽ اترادي آهي. هو پاڻ وچولي جو هو. پر هن جي لهجي ۾ هنڌ هنڌ اترادي اهجاڻ ظاهر پيا آهن:

لکين پوشاکان پهرين ٿو
ته ٻه عشق چوي ٿو يار اجهو

....

مرد ٿي ميخاني ۾، آلا جي هيئون تون لنگهي

....

پڙهين ٿو نمازون نفس لئه من مون ملن حوران قصور

مٿي ڏنل سٽن ۾ "پوشاکان"، "صفان"، "هيئون" ۽ "حوران" خاص اترادي لهجي جا اهجاڻ آهن.

اترادي ۽ سرائڪيءَ سان گڏ، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، تيئن ڪٿي ڪٿي هن جي ٻولي فارسيءَ جي اثر هيٺ آهي، ڪٿي وري هندي اثر قبول ڪيو اٿس. اهڙا مثال ٿورا آهن جو خير محمد هيسباڻيءَ ڏاريو اثر قبول ڪيو هجي. عام طور تي خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ٻولي سادي، سلوٽي عام فهم، بامحاوري ۽ مترنم آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سندس ڪافيون اڄ تائين عام مقبول آهن ۽ ٻهراڙين جي محفلن ۾ ڳايون وڃن ٿيون.

خوش خير محمد جا گهاڙيٽا:

خوش خير محمد جي ڪلام ۾، ڪيترين ئي ڪافين جو گهاڙيٽو نرالو آهي. هن قافين جي ترتيب ۽ هڪ بند ۾ مصراعن جي تعداد ۾ ڦير گهير ڪرڻ سان ڪيترائي نوان نمونا ايجاد ڪيا آهن. قافيي جي نشست مان نرالي موسيقيت پئدا ڪرڻ خوش خير محمد جو خاص فن آهي:

پسي صورت جو سلطان هم حيران لڳي
جن ملائڪ حوران پريون
هر هڪ ٿي حيران پڙهڻ سبحان لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ كافي، خير محمد جي مشهور ترين كافين مان آهي
جنهن جي پران كيترن ئي شاعرن كافيون چيون آهن ۽ ان
ٽيڪنڪ جي پيروي ڪئي آهي، جنهن جي ايجاد خوش خير محمد
هيسباڻيءَ ڪئي.

هن كافيءَ ۾ هڪ رواجي قافيو آهي ۽ ٻيو اندروني
قافيو، پر ٻئي قافيا ساڳيا آهن. اهو ڏکيو ڪم آهي جو ستّ جي وچ
۾ ٻه ساڳيو قافيو هجي، تہ ستّ جي پڄاڻيءَ تي پڻ ساڳيو قافيو
ورجائجي.

هڪ ٻي كافي آهي:

من موهيو تنهنجي تار، ميان مَ رُسي منگتو
گهر جيڪي گهرٽو هجئي ، موٽ نہ مگڻهار
لائي جيءَ سان جنگ تو.

هن كافيءَ ۾ ٻہ كافيا آهن، پر "منگتو" سان "جنگ تو"
۽ چنگ تو، جا قافيا ڏاڍا وٽندڙ ٿا لڳن .

هيٺيون كلام كافي-غزل ميل جي نموني جو آهي، ۽
ردم ، موسيقيت توڙي اندروني قافيي جي ڪري نہ فقط هڪ
خاص قسم جي "لئ" وارو ماحول پيدا ٿو ڪري، پر هڪ خاص مود
پڻ تخليق ٿو ڪري:

اجهو يار آيو اوهان چا ٿا پانيو
پياريو پياكن صبح جو سوايو
صبح جو سوالي منگتو موالي
ڪڏهن كين خالي وڃان تو ورايو.

هيٺينءَ كافيءَ ۾ رواجي Regular قافيو هر بند ۾ ٻہ دفعا ٿو اچي.
قافيي جي ترتيب a a b b a a واري آهي ۽ وراٽيءَ (ٽل) سان بند
جون آخري ٻہ مصرعون هر قافيہ آهن. رواجي طرح ٽل سان بند جي
آخري هڪ مصرع هر قافيہ هئڻ ضروري آهي:

ساهڙ ريءَ منهنجي كانہ سري
پير پرت ريءَ ٻيو كير پري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي اتر پوي سيءُ سيارو
اوچڙ عشق ريءَ پانئين ٻيو بارو
لڙ لهريون جتان ڪن ڪري
گهور ڏسيون سي گهير گهري
ساهڙ ريءَ منهنجي ڪانہ سري

هن ڪافيءَ جو گهاڙيٽو ٻہ نرالو،وٽندڙ ۽ سهٽو آهي:

چٽي زلف اتي رخسار ميان
ڪڍي ڪاڪل برهہ بزار ميان
مزگان مورچي ٻڌي صفان جوڙ ڪڙن
عاشقان نال امالڪ روز لڙن
چٽي نين نسنگ نروار ميان
ابرو سيف سٽن ڏوپار ميان

انهيءَ ڪافيءَ ۾ ٻہ، وراٽيءَ (ٽل) کان اڳ اچڙ واريون ٻہ مصراعون وراٽيءَ سان هم قافيہ آهن.

هيٺينءَ ڪافيءَ جو گهاڙيٽو تہ بنهہ نرالو آهي. هر بند ٽن مصراعن جو آهن. ماترائن جو تعداد پهرينءَ کان ٽينءَ مصرع تائين ترتيب وار گهٽبو ٽو رهي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ عجيب لطف ڏيندڙ ۽ مترنم صنف ايجاد ٿي پيئي آهي:

آيا رهبر اڄ رات
موري گهر شاديان
ڏونهين جهانين وچ نہ لين
درد جيهي درجات
عشق آباديان
نال عشاقان ناز ڪريندئين
لن تراني لات
مئن مرجانديان.

هيٺين ڪافيءَ ۾ ٻہ هڪ نئون ردم آهي. اهو نئون ردم، رڳو گهاڙيٽي ۽ قافيي جي ترتيب جي فنائتي استعمال جي ڪري آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدم ڪڍاوي دار تي چڑهاوي
جوئي ڪوپا جوان سوئي سر سبحان
ممڪن هئ امڪان جنهيندا
مڪان هئ لامڪان تنهيندا
منصب پاوي آوي جاوي
سرت رڪي سيلان
سوئي سر سبحان

نانڪ يوسف وانگر، خير محمد هيسباڻيءَ وٽ به نرت تال (Dancing Tune) موجود آهي، جنهن جي اچارڻ سان ئي ناچ جو تصور اپري ٿو اچي:

سمن تي سارنگ آيا هئ
محفل سڀ موجود مهيا
بجليان وهه برساتان لايا
ٽا ٽا ناچ نچايا هئ
نال تماشي ٽيا ٽيا.

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي هڪ ڪافي اهڙي آهي جنهن ڪي "ڏمال ڏن" چئي سگهجي ٿو. ان ڪافيءَ ۾ قلندر شهباز جي درگاهه تي ٽيندڙ ڏمال جي موسيقيت، لئ ۽ ردم ڪي لفظن جي اچارڻ سان واضح ڪيو ويو آهي.

اچي حاضر حسيني ٽي قلندر لعل مروندي
صدا صوفيءَ جي مڃ مولا پسايو پرت پيوندي
توکي چوطرف چوڏاري نمي ٽي هند سنڌ ساري
ڪابل ڪشمير قندهاري، بلخ بيحد سمرقندي
اها ڪافي، ڳائي به ڏمال ڏن تي ويندي آهي، پر لفظن جي اچارن، بحر وزن، توڙي "ڏ"، "د"، "ض"، "ل" جي اچارن جو ورجاءُ نغاري جي وڄت سان مليو اچي ۽ هڪ وجداني اثر قائم ٿو ڪري.

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جا صوفياڻا ڪردار:

خوش خير محمد هيسباڻيءَ، سنڌيءَ جي صوفياڻي شاعريءَ ۾ سچل سرمست کان پوءِ هڪ نئون ورق ورايو. هن سنڌ جي عظيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي شهيد، شاھ عنايت جو نالو کٹي ذکر کيو آھي ۽ ان کي وڏو خراج تحسين پيش کيو اٽائين. ان مان ظاھر آھي، تہ خير محمد کي سنڌ جي تاريخ جي پوري ڄاڻ ھئي ۽ ھن عظيم شھيد لاءِ بي پناھ عقيدت ھيس.

سچل سرمست بعد خير محمد ھيسباڻي پھريون ئي شاعر آھي، جنھن سڌو سنئون نالو کٹي، شاھ عنايت شھيد کي ڳايو آھي، نہ تہ ھن کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾، فقط اشارن ۾ ھن شھيد جو ذکر ايندو ھئو.

ساڳي ئي کافيءَ ۾، خوش خير محمد سنڌ جي ھک ٻئي عظيم صوفي شھيد مخدوم بلاول جو بہ ذکر کيو آھي، ۽ ان سان گڏ، فارسي شاعريءَ جي مروج صوفي کردارن، توڙي ٻين صوفي کردارن جو نالو آندو اٽائين، پر سڀ کان اول ذکر شاھ عنايت شھيد جو آھي:

عشق اھيندي عجب تماشي سوليءَ تي سلطان پچو

شاھ عنايت سخن سچارا — جنھن سر کيتا عشق امارا
حيدر دا ھئہ حر پيارا — سر نيزي نيشان پچو
شوقئون شيخ عطار کھايس — سرمد دا سر کيوين کپايس
شمس ملين دي ھٹئون مرايس — مست ساري ملتان پچو
گھاٹي وچ بلاول پيڑيا — برحق ڏاڍي برھہ پکيڑيا
تنھن کون وانگر تيل تہ پيڑيا — خوش خبر جولان پچو
غلام احمد گل مولائي — وحدت دا وٹجارا جائي
ڈي سر صوفيءَ سوپ ملھائي — قابل کوھستان پچو
بسطامي سر برھہ باراني — ذات نور نوراني
سارا ھويا سر سبحاني — عاشق اعظم شان پچو
عشق اچانک پاتي جھاتي — کيڏي ڳيان بانگ صلاتي
جر ملامت سر تي چاتي — ڳل جٹيا صنعان پچو
شاھ منصور ماريا نعرا — چڑھ سولي تي کيتس نظارا
ويکڙ آيا عالم سارا — سر غازي گھمسان پچو
خوش خير محمد کيا ليک سٹيندا — کوڙين عاشق قتل کريندا
تنھن سوا تعزير ڈويندا — برھہ خبر برھان پچو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متين كافيءَ ۾ خوش خير محمد، شاھ عنايت ۽ مخدوم بلاول سان گڏ، سنڌ سان واسطو رکندڙ ھڪ ٻئي صوفي شھيد سرمد جو پڻ ذکر کيو آھي. ان کان سواءِ شيخ عطار، شمس تبريز، غلام احمد، بايزيد بسطامي ۽ منصور حلاج جو پڻ نالو آندو آھي. فارسي شاعريءَ جي تاريخي صوفي ڪردارن کي سچل شاعريءَ ۾ آندو، جتان ٻين شاعرن اثر ورتو.

خير محمد ھيسباڻيءَ منصور حلاج جي باري ۾ ھڪ کافي لکي آھي، جنھن جو موضوع ۽ مضمون، کافيءَ جي ھيئت ۾ قصيدي وانگر آھي:

ھو مالڪ مختيار بيشڪ سالڪن سرتاج ھو
سپ پيا سوري چون منصور لئہ معراج ھو.

خوش خير محمد جي صوفياڻي رومانويت:

خوش خير محمد جي شاعريءَ جو مجموعي تاثر "رومانويت" آھي. پوءِ اھا ڪھڑي ٻہ موضوع تي لکي ويئي ھجي، ڪھڙو ٻہ مضمون ھجي، خوش خير محمد کي ان کي رومانوي انداز ۾ بيان ڪرڻ جو ڏاڻ آھي. تخليق جو عمل، جيئن مذھبي ڪتابن ۾ آيل آھي، ان کي شاعريءَ ۾ ھڪ خوبصورت نموني ۾ بيان ڪيو ٻئي ويو آھي. شاعرن وٽ ان عمل جو پسمنظر شاعراڻو آھي، تہ صوفين وٽ صوفياڻو. خوش خير محمد جڏھن ٻہ تخليق جي عمل کي ڇھي ٿو، تہ ان کي پنھنجي مخصوص اسلوب "صوفياڻي رومانويت" جي رنگ ۾ رڱي ٿو ڇڏي:

سمجھڻ رمز عمل ھئہ خاصي
نقش تي عاشق آپ نقاشي
واھ مصور واھ تصويران
واھ تحريران واھ تقريران
واھ واھ ڇڪيان برھ بجيران
منھن مصحف جدول حاشي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصور پنهنجي تصوير تي پاڻ عاشق ٿيو پوي، مصور به سهڻو آهي تہ تصوير به.

هڪ ٻي ڪافي:

جوڙ مصور صورت ڪون مٽ خاڪ وچون ڪيتا موجود
بوتي دي وچ پَوَڻ پوڻ ڪون
ساز ٿئي هن سڀ سرود-

هيءُ به تخليق جي عمل جو رومانوي اظهار آهي. منّيءَ مان آدم ٺهيو. ان آدم جي بوتي ۾ "نفخت فيہ من الروحي" موجب "پوڻ" يعني هوا ڦوڪي ويئي، تہ ان مان ساز سرود جا آواز اچڻ لڳا، جيئن ڪو بيجان منّيءَ جو ساز (مثلاً پوڙيندو) هوا پوڻ سان موسيقيءَ جا مڌر سُر ڏيندو آهي، تيئن آدم جي بي جان بوتي ۾ جو هوا ڦوڪي ويئي، تہ اهو ساز سرود وانگر وڄڻ لڳو. اهو آهي تخليق جي عمل جو رومانوي اظهار، جيڪو خاص طرح خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو ئي ڏاڻءُ آهي.

جسم ۽ اسم _ "نامن روپا" جو ماندڻ _ هڪ ازلي پيچيدو سوال آهي، جيڪو قديم هندو فيلسوفن کان وٺي، اڄ تائين هلندو اچي. خوش خير محمد وٽ ان خشڪ فلسفيانہ موضوع جو وٽندڙ رومانوي اظهار آهي:

هشيءَ ڪيئي حيران
اوٽ ڪيئي ڪيئن جسم اسم ڪي
ونحن اقرب پاڻ چيائين
تون ٿو تڪين آسمان
اوڳا ڇڏ ان ريت رسم ڪي

اها صوفياڻي رومانويت هيٺين ڪافيءَ تي شروع کان وٺي آخر تائين غالب آهي.

پنهنجو نينهن اچي نروار ڪيئ
سر عاشقن جي اظهار ڪيئ

اڳتي هلي هن ڪافيءَ ۾ آدم، حضرت موسيٰ جو "ارني" ۽ "لن تراني" وارو قصو، بيبي زليخا جو سوز، حضرت ابراهيم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد، شمس، عطار سيني جو هڪ وٽندڙ رومانوي اسلوب ۾ ذڪر آهي ۽ آخر ۾:

آئين صورت جو سينگار ڪري
پنهنجو پاڻ ڏسڻ لئه پير ٻري
تنهنجي سير بنا پلا ڪيئن سري
تنهنجو درسن سپ ديدار ڪيئه

خوش خير محمد جي صوفياڻي رومانويت، مذهبي اصطلاحن جي خشڪ ۽ بي رنگ اصطلاحن کي پڻ رنگيني ۽ جاذبيت ڏني آهي. عيد هجي يا حج، حرمين هجي يا ڪعبو يا قوسين - اهي سڀ اهڙا لفظ آهن، جيڪي مذهبي ماڻهن جي واتان ٻڌبا آهن. خير محمد هيسباڻيءَ جي فن جي ڇهاءَ سان اهي لفظ معنيٰ جا نوان نڪور، دلڪش ۽ رنگين لباس ٿا پائين ۽ اهڙن لفظن مان به عشق، محبت ۽ رومان جي رنگيني جهلڪا ٿي ڏئي:

ابرو ديک عشاقان عيد ڪيتي هئه
حج ڪهون يا حرمين ڪهون
تن من ڪرن طواف تهيندا
ڪعبه ڪهون يا قوسين ڪهون.

ساڳيءَ طرح "احمد" واري عام صوفياڻي موضوع کي به نئين رنگ ۾ آندو اٿس:

احمد کي اوهين احد سڃاڻو
ميم واري اڻو مام
ميم منجهئون جي مست ٿيا
جنگ ٻري پي جام

ان کافيءَ ۾ احد ۽ احمد واري مشاهدهء حق جي گفتگو به باده و ساغر جي اشارن ۾ ڪيل آهي.

"مولود" يا نعت جو مضمون به خوش خير محمد جي ڪلام ۾ رنگيني، دلڪشي ۽ رومانويت سان ٻريل آهي:

رخ رانجهن ماهه منير هويا
ساڏا دم دم ساهه سڌير هويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهنشاهه سخن سلطان آيا
جنهن دي شان وڏي فرقان آيا
ساڏا روز حشر دا زمان آيا
جنهن دا نام محمد مير هويا

تيزي خاڪ پيران دي خاڪ ٿيوان
اها خاڪ چمان هوشناڪ ٿيوان
منڌي محبت وچ مشتاق ٿيوان
تيڏا عشق اعلىٰ اڪسير هويا

خوش خير محمد هيسباڻيءَ، هينئنءَ ڪافيءَ ۾، مجاز کي حقيقت سان رلمل ڪري، هڪ عجيب رومانوي ڪيفيت پيدا ڪئي آهي. ان ڪافيءَ ۾ جي جبريل جي سلام پيغام يا احمد عربيءَ جو نالو نه هجي ها، تہ اها ڪافي مجازي رومانويت ئي پائنجي ها، پر هتي، خير محمد هيسباڻيءَ نبي ڪريم ﷺ جي تعريف تي بہ مجاز ۽ رومانويت جو رنگ چاڙهي چڏيو آهي:

سهڻي صورت ويک سبحان ڪهون
اي جهان سارا لا مڪان آيا

جبريل سلام پيغام ڏيندا
اسان ڪلام اتي اسلام آندا
ڪنهين وحي دي واتون ڪونہ سڻيا
احمد عربي دي ذوق زبان آيا

اس بيرنگ دا ڪوئي رنگ پي هئہ
جنهن جنگ عشاقان خدنگ جهلئي
مژگان تير نينان ڪي ئي وير مارن
ابرو قوس قزح دي ڪمان آيا

خوش خير محمد اي سر گهول ڪري
جڏان ٻول جاني گهنڌ ڪول ڪري
ڪر اسر جسر دا ترڪ ڏوهين
اي گفتہ غيب اللسان آيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ كافيءَ ۾، عشاقن جي خدنگ جهلڻ، مزگان جا تير، ابروءَ جي انڍلڻ ۽ منهي محبوب جو گهنڊ ڪولي ٻه ٻول ڪرڻ جي رومانوي موضوعن ۾ احمد عربي ۽ بيگرنگ، ازلي حقيقت ۽ غيب اللسان جو ٻه ذڪر آهي.

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي هينئينءَ كافيءَ ۾ رومانويت ۽ رجز ٻنهي جو سهڻو ميل آهي: ان كي رجزي رومانويت (Epic Romanticism) چئي سگهجي ٿو.

كنهن شوق تماشي شاهه آيا
سامان سوڌا باسپاهه آيا
ٻڌ مورچي آ ميدان مڙن
چوطرف نينان دي ٻاڻ لڙن
اڳون شير دلبر كي خان كڙن
ويكو بانكا بيپرواهه آيا

هن ۾ مورچا، ميدان، ٻاڻ، سپاهه سڀ موجود آهن، پر ڳالهه آهي پرينءَ جي.

سيني صوفي شاعرن وانگر، خوش خير محمد جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو اٿاهه سمنڊ چولين هڻي رهيو آهي. هن جي محبت، رومان، توڙي تصوف جو مركزي نقطو "انسان" آهي. خوش خير محمد جي سموريءَ سوچ جو نچوڙ آهي انسان جي عظمت. هن جي سڄي لوچ انسان كي سجاڻڻ لاءِ آهي. انسان جيكو عظيم آهي، بلند آهي، ازلي ۽ ابدي حقيقت سان رلمل آهي.

رب سجاڻڻ سهنجو ٿي
ٻاڻ سجاڻڻ اهنجو ٿي
خوش خير محمد خيال وحدت وارو
جاڏي كاڏي نينهن نظارو
سارو طلسم تنهنجو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان کي خدا جو عرفان حاصل ٿئي، اهو ڏکيو ناهي، پر انسان لاءِ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ڏکيو آهي. انکري، جو هو پنهنجي عظمت کان بيخبر آهي، نہ تہ هي سارو طلسم سندس ئي آهي.

سير وسر ڳيا لا مکاني دا
جيوين عشق صورت انسان ڏٺم
عشق گهتيا وچ آڻ کفر دي
کر نہ ڇاڏي مسلماني دا
ڳل جڙيا صنعان ڏٺم
خير محمد خوش هر مظهر وچ
اتر هويا انساني دا
نقش اهو نيشان ڏٺم

هن جي لاءِ انسان عظيم آهي. انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ويچو هن جي لاءِ کفر جي برابر آهي. عشق دين مذهب نٿو پچي. "ملت عشق از هم دينها جدا ست" وانگر:

کوڙ کسب نهين ڇاڻندا
عشق اويڙا _ برهه پليرا
نفل نمازون ورد وظيفي
تال تعصب نهين ڇاڻندا
عشق اويڙا _ برهه پليرا
کڏهين هندو کڏهين مسلم
دين مذهب نهين ڇاڻندا
عشق اويڙا _ برهه پيلرا

خوش خير محمد هيسباڻيءَ وٽ انسان هک رومانوي حقيقت آهي، جنهن جي ڳولا ۾ مذهب ۽ فلسفا، جڳ جڳ کان ڦرندا رهيا آهن، پر خوش خير محمد جي صوفياڻين اکين پرکي ورتو آهي تہ:

لکين پوشاکان پهرين ٿو
تہ بہ عشق چوي ٿو يار اجهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انهيءَ انسان جي عظمت جي حقيقت کي، هڪ هنڌ بي باڪ نموني ۾ ظاهر ڪندي چوي ٿو تہ:

خير محمد پڙهه خطبو
ساري خلق خدا ٿي

خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام جو اڀياس ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ هن شاعر جو ڪلام، سچل سرمست بعد سنڌي ۽ سرائڪيءَ جي بهترين ڪافي چوندڙ شاعرن، بيدل، حمل ۽ مصري شاهه ڪان جي اڳيرو ناهي، تہ بہ ساڳي سطح جو ضرور آهي. سندس ڪلام جون ڪي خوبيون ڪيس ڪافيءَ جي شاعريءَ ۾ متاهين مقام تي رکڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي بيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلبر لايون دوست تون پويان نہ ڪر پير
ميان! ملاقات جي هينئڙي ۾ پج نہ هير
ڳنڍ سڄڻ! ڪر ڳالهيون تون ٻيا وجهہ نہ ويڙ
توسان ريڙهم روحڙو نہ تہ ٻيا ماڻهو ٻہ ڏير
سڪ گهمائي سير، نہ تہ هرڪو خوش خير محمد چوي

* * *

جانب جدائيءَ جو مون ڪي سهڻل ڏاڍو سور
جيرو جان جليو وڃي جڏهن پوي پور
ائين سينو سارو سوز ۾ جيئن تپي تنور
هڪ اولا بني عشق جي وڃي شرم شعور
هڪدم هوند حياتي وڃي نہ تہ مرڻ آهي سرور
توريءَ اهڙو ڪيس ڪلور، نہ تہ هر ڪو
خوش خير محمد چوي

* * *

جان جدائيءَ جو مون ڪي ڏاڍو آهہ عذاب
ساعت ساعت سڄڻ ٿيون اکيون هارن آب
لالڻ لاچاريءَ ۾ ڪان ٿيون ڏين عجيب عتاب
ماندي هت مري ٿي تنهن ڏي مڪئي ڪونہ جواب
خير محمد خوش خواب، ڪيئن ويچارن وڃڙين اچي؟

* * *

وڻ مان پن ڪري پوي تنهنجي ڳنڍڻ ڳوري ڳالهہ
شيشو ڇيهون ٿي پوي ڪڏهن نہ اچي سال
دوست لهي وڃي دل تان توڙي گڏيو وتي نال
پرجهي پرت پال، متان خم پوي خير محمد چوي
جڏهن نانهہ نہ هئي نروار، تڏهن آنهہ رهي ٿي عدم ۾
نڪو ساز سرود هو نڪا تند تنوار
ماڻ گهٽي محبوب ڪئي ڏينهن ٻہ ٿي ڪي چار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ آدم جو اولو ڪري اچي ٿو اظهار
سر ٻڌي دستار، آيو چيرو چوگان ۾

* * *

جڏهن نانهه نه هئي نالو، تڏهن آنهه رهي ٿي عدم ۾
حنبلي شافعي مالڪي حنفيءَ کان حل نه ٿيو مسالو
رکي چئنچل چالو، آيو نانهه منجهان آنهه ٿي

* * *

ڏس آنهه سندي عبرت، جو نانهه منجهان نروار ٿي
پاڻ پسڻ جي پرينءَ کي ٿي من اندر محبت
جوڙيو ٻهڪڙ ٻيائيءَ جو ڪايو منجهه ڪثرت
جت وصل وحدت، تت آنهه نه نانهه ڪا

* * *

جڏهن نانهه نه هئي ڪائي، تڏهن آنهه رهي ٿي عدم ۾
جوڙيو ٻهڪڙ ٻيائيءَ جو ڪايو ءِ ڪائي
احد منجهان احمد ٿيو صورت سيائي
نوشهري ۾ نروار ٿي خبر خدائي
وحدانيت ويڙهي ۾ نه ٻانهپ نه ٻيائي
ڪر جسمون جدائي، خوش خير محمد خيال سان

* * *

آهي سڀ اثبات، مگر نفي هن نام جو ٿئي
وحدت ءِ ڪثرت جي لاشڪ آهي لغات
هن جيفي[1] سندي جنگ جي سالڪ سمجهن بات
هن فنا بقا جي فن جي ڪي طالب مجن تات
ڪر صحيح ذات صفات، خوش خير محمد خيال سان

* * *

---

[1] لدنيا جيفة وَ طالبها كِلاب = دنيا ڏوندي، طالب ڪتا_حديث

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسو جيئن پاڻ، هر رنگ ۾ رلجي وڃي
طالب کي مطلوب جي اها اهجاڻي
سمجهه دل سياڻي، خاصن جي خير محمد چوي

* * *

خوش خير محمد خواب ۾ عمر ٿي وڃي
اها پت هئڻ جي پورا ڪري پيڃي
اڃا به ٿو سڃي، هو صوفي سير لنگهي ويا

* * *

صورت پنهنجي سهڻا تون ڏرتيءَ جهڙي ڏار
ڪيڙو پنهنجي ڪاوڙ جو محڪم ڪري مار
مانجهي من پنهنجو اڇو ڪري اجار
هٿ ڇڏي هيناهين گهرائيءَ ۾ گهار
اڪر رک هڪڙو ٻيا ورق سڀ وسار
ته پوءِ خير محمد پار، پرين نيندءِ پاڻ سين

* * *

پرين نيندءِ پاڻ سان ڇڏ هڏي واري هوڏ
چار ڏهاڙا ٿي جوين پوءِ پري ٿيندي پوڏ
خير محمد چوي لوڏ، وٽئي نه ويڙهيچن کي

* * *

وٽي نه ويڙهيچن کي لوڏ تنهنجي لٽ
پني ٿو پينانگن جيان هر هر وڃي هٽ
مورک پنهنجي مالڪ کي ٿو گهر گهر ڪرين گهٽ
خير محمد چوي نه لٽ، آئيندو اندر جو

* * *

آئيندو اندر جو سدا رک صفا
روشني ٿئي روح کي جانب ساڻ جفا
خير محمد نفعا، ڪوڙين ملني قيمتي

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙين ملني قيمتي سر جو سانگو ستّ
ڪلمي جي ڪهاڙي سان ڪوڙ پنهنجي ڪي ڪٽ
مير اٽئي من ۾ پاڙ تنهين جي پٽ
خير محمد جهٽ، هوت ملئي هنج ۾

* * *

هوت ملئي هنج ۾ جاءِ اهڙي جوڙ
ٽانءُ رک ٽانهر جو ٻيا ٽيڙا سيئي ٽوڙ
وٺ راهه رب جي منهن نه ڪاڏي موڙي
توڪل رساوئي توڙ، خوشي سان خير محمد چوي

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ڪافيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ڪافيون

رب سڃاڻڻ سهنجو ٿي
پاڻ پروڙڻ اهنجو ٿي

دمدم دلبر وسي ٿو ويڙهي
ونحن اقرب ساهه ڪنون نيڙي
وڇئون پردو پنهنجو ٿي

سمجهه صحيح ڪري يمشي ينطق[1]
پڙهه تون محبت وارو منطق
يسمع يبصر[2] ڪنهن جو ٿي

تسبيون[3] تال پڙهين هر هر هو
الانسان سري و انا سره[4]
فرق نه هڪ تر تنهنجو ٿي

خير محمد خيال وحدت وارو
جاڏي ڪاڏي نينهن نظارو
سارو طلسم تنهنجو ٿي.

* * *

---

(1) گهمي ٿو، ڳالهائي ٿو.
(2) ٻڌي ٿو، ڏسي ٿو.
(3) تسبيحون مالهائون.
(4) انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان سندس ڳجهه آهيان. (قدسي حديث)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هستيءَ ڪيئي حيران
ڪيئن جسم ڪيئي اوڏ اسم ڪي
ونحن اقرب پاڻ چيائين ايا تڪين آسمان
اوڳا چڏ انهيءَ ريت رسم ڪي
وفي انفسكم سمجهه اشارو . اهو . اٽئي عنوان
طالب گم ڪر هر طلسم ڪي
ذات صفات ۾ آهي رلمل صورت جو سلطان
الف گم جيئن ۾ج بسم ڪي
خوش خير محمد هر حال ۾ حاضر ائين آهي انسان
ڪير صحيح ڪري هن قسم ڪي

* * *

رند روز شب آهن سدا وحدت جي وادي۽ ۾ غرق
ڪوڙين ڪتابن جو پڙهين تہ بہ آهہ هن هن ۾ فرق
تن ڪي نصيحت ڇا ڪندي ڇاڻن ٿا هڪ نيڪي بدي
هيءَ ڪا رسم آهي رندي اصلوءن ملامت جن مرڪ
ڪرين محتسب تون ڪيترو عاشقن ڪي وعظ ايترو
ناهي تنين تر جيترو لعنت ۽ رحمت جو فرق
آزاد ٿيا هن اجر ڪان روزي نماز جي فڪر ڪان
خوف ۽ رجا جي خطر ڪان توحيد ريءَ ڪن ڪل ترڪ
عشق ڇا ڇاڻي ايمان مان ڇا نفعي ڇا نقصان مان
ڇا مسجد ۽ بتخان مان ٿيو درس خاصي ۾ درڪ
گمراهہ ڇاڻڻ غير آ صوفيءَ جو سپ ۾ سير آ
آهي قسم ٻيو ڪير آ سوليءَ چڙهي پڙهہ هي سبق
خوش خير محمد ڇاڻ تون پنهنجو نہ آڻج پاڻ تون
صورت صفاتي سڃاڻ تون پير مغان هادي آ حق

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كير الله بنا چوي آن
اها ڳالهه عقل جي ناهي

جنهن صورت منجهه سجاتو
پيچين طلسم ڇاڻ اهو ڇاتو
آءٌ پيرين تن جي پوان

ڪونهي عشق جو انت بياني
ڪل يوم هوَ في شاني
نِت نِت جوش نوان

گم ٿي غازي پاڻ سجاڻج
اها آءٌ انهيءَ جي ڇاڻج
ڪن عاشق سڏ سوان

خير محمد خوش نينهن نظارو
ڪيڏو ڪرين ٿو پرن پسارو
پڙهه برهين باب روان

* * *

جيڪي غير چون سو ته غير چون
جهاتي پائي ڏٺم سي هڪ سير آهي

هر مظهر ۾ ذاتي آيو
ڪنهن شعلي شوق بن صفاتي آيو
اولي آدم جي احمد سڏايو
سمجهه سالڪ انهيءَ ۾ نه ڦير آهي

ڪٿ عبد چون ڪٿ رئيس ميان
ڪٿ خام چون ڪٿ خبيث ميان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽ هادي چون جرجيس ميان
ڄاڻي نور صفا نہ من مير آهي

پهريا عشق عجب لک ويس ميان
ظاهر باطن دل جو ديس ميان
النو ييد اعليٰ اويس ميان
سڀ ڪي مولا ڄاڻي ٿو ڪير آهي

خوش خير محمد هر جا خان ميان
[illegible] مٿا بي نشان ميان
ڏٺو سي سڀ مخفي عينن عيان ميان
صورت ساڳي حيدر شير آهي

* * *

طالبن توحيد جي آندي خبر خاصي ڪري
سر عشاقن کي عيان جيڪي ڏسن جيئري مري

نصرمن الله چئي چڙهيا حملو ڪيائون حيدري
محبت واري ميدان ۾ ڪٽي عاشقن جنگ اڪبري

دوئيءَ سندي ديوار کي تهدل هڻن طالب تري
پيچي ڪفر جا ڪوٽ ڪل مجين دين هڪ پيغمبري

اصل مان آهي نقل ٿيو ڪولي ڏسو دل جي دري
صورت منجهان مورت ٻني آهي اتم مظهر انوري

ڏني دوست تن جي دست ۾ ساري ملڪ جي سروري
ٿيا خاص تنهنجا خدمتي جن و بشر جوران پري

خوش خير محمد خيال ۾ ڪثرت مان ٿي وحدت وري
پير مغان هن پنڌ ۾ ڪئي راهه حق جي رهبري

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فنا جا هاڻي فڪر وياسي
موتو قبل مري جياسي
اچي ٿيو اثبات اڪين ۾
لا واري حد لنگهي پياسي
نسنگ نالو هڪ ورتوسي
ٻيا نالا سڀ نفي ڪياسي
خوشيءَ پنهنجي خاڪ رلياسي
نہ تہ آدم ڪان اڳ هياسي
خير محمد خوش خيال نہ ڪوئي
رمز روحيءَ ۾ اچي رلياسي

* * *

محبت ميدان ۾ عاشق ڪوڙن ٿا نينهن نيشانا

جوڙي جڙيا جهنڊين پاتا نيائج نينهن جا ناتا
حسن شعلات حق ڄاتا ٻڌن مر عشق ڳل ڳانا

برهہ بيشڪ ٻرن باهيون امالڪ ٿا اچن ڪاهيون
سورهہ سر جا سانگا لاهيون شمع جي شوق پروانا

ڪڏهن منصور نہ مڙيا چلي چوڏول تي چڙهيا
ثابوتيءَ جا سبق پڙهيا سوري تن سيج سامانا

لگن تان ڪل لهرائي ردا ٿو راز پهرائي
سورهہ ٿو سوپ ساراهي عاشق ڪن عشق افسانا

پين پر جام ڪيو جنگ ٿا ويڙهي وحدت وڻن لنگ ٿا
وجهن واهہ وجد جا ونگ ٿا ملهائن مرد مئخانا

خوشيءَ سان خير محمد سڻ مردن مذڪور ڳالهيون ڳڻ
وڪون وحدت واريون ڪڻ ٻولج اهي درد داستانا

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق اچي مون سان ڪيون ڳالهيون
ڏسڻ نہ جهڙيون سلڻ نہ جهڙيون
هر دوجهان جي حجابن واريون
سڀ پڌر اچي پيون
علم عقل جون اڳ پڌيون سي
نينهن سڌايون نيون
حسن جون فوجان سر عشاقن
اچن امالڪ ڪنيون
خوش خير محمد قبل ماضيءَ جون
وحدت ۾ سڀ ويون

* * *

سر آدم اصلي ڄاهي
هيءَ ڪل نہ آهي عام ميان
جيڪي آدم کي اچي ڏسڻ ۾
لا اهو نہ ٿي لاهي
ذات کي پاڻ ئي ذات ڇڪي ٿي
سڪ منجهان ساهي
سوريءَ بنا هي سر نہ سلجي
ڪوئي سر سنباهي
خوش خير محمد ناهي ڳالهہ عقل جي
عشق عبرت آهي

* * *

ريءَ عدم وجود ڪو آهي
جنهن کي لام نفيءَ نٿو لاهي
آهي آدم ۾ اسرار اهو
ڪري طالب ڪو تڪرار اهو
ڇو تہ عام ڇوڙ جي رسم ناهي
مورون ناهہ فنا جو فڪر جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ آهه بقا جو ذڪر جتي
جيئن سخن چڪيو منصور ساهي
تكو وحدت جو درياهه وهي
ٽي گم غواصي لعل لهي
بي پوءِ ٽي ڪنڊي پئو منجهه ڪاهي
جڏهن اسم جسم ٻئي گم ٽيا
تڏهن اربع عناصر ٽم ٽيا
وچون خير محمد تنهنجو ويو چاهي

* * *

احمد كي اوهان احد سڃاڻو
ميم واري اٽو مام
ميم منجهان جي مست ٽيا
جنگ پري پي جام
ميم منجهان معلوم ٽئي
ٽوڙيو دوئيءَ جا دام
احد اچي اثبات ٽئي
لا جي ڪپي ڏسو لام
سڪ سان ڪٽي آيو سڪندر
پاڻ پنهنجا پيغام
خير محمد خوش ٽيا سي
جن جو عشق امام

* * *

احد منجهان ٽي احمد آيو
پهري ميم سندي پوشاڪ
جنهن جي نور ظهور ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارض و سما افلاک

مٹي تي محبوب جي سونهين
سهڻو چٽ لولاک

پسي حسن پنهنجو
موٽي ٿيو مشتاق

خير محمد آ خوش ٿيو
وحدت جا ٻڌي واک

* * *

ڪيي قدم ڪايا ڪئون ٻاهر ڪر
تڏهن هر جا ايندءِ حق نظر
شيش محل ۾ شاهه ٿو ٻولي
ڏس اندر جون اکيون کولي
خاکي بنگلي جو اٿي نام بشر
ڪو چا چاڻي عشق اشارت
دم دم ڏئي ٿو برهه بشارت
هي سمجهي سو جنهن کي نور بصر
معنيٰ ذاتي صورت صفاتي
لام نفي، ڪيو الف اثباتي
ڳالهه ڳجهي پئي پرت پڌر
خوش خير محمد خبر هيءَ تازي
راضي رهين توڙي بيراضي
قصا کين ڪندا ريءَ عشق اثر

* * *

پنهنجو نينهن اچي نروار ڪيئي
سر عاشق جي اظهار ڪيئي

اول ظهورو آدم ڪيئي
جنهن جا ملک فلک سي خادم ڪيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كيڏو كاڻ داڻي جي اگر كيئي
كڍي بهشت منجهان بيزار كيئي

كڏهن احدؤن عبد سڏائين ٿو
بلا ميم[1] جا حكم هلائين ٿو
اها نوبت نينهن وڃائين ٿو
هر مظهر م مختيار كيئي

كڏهن ارنيءَ[2] جا آواز كرين
كڏهن لن تراني[3] ناز كرين
سپ سوز درد لئه ساز كرين
كيڏو طالب سان تكرار كيئي

كڏهن ذوق زليخا ماڻين ٿو
ساڳي صورت پاڻ سجاڻين ٿو
اها جاڻ ڊولڻ سپ جاڻين ٿو
كيئن بردو منجهه بازار كيئي

شاهه سرمد شمس عطار جيها
كيئي تن سان تماشا يار كيها
كيا وحدت جا واپار كيها
منصور سوليءَ تي سوار كيئي

جت محبت جا ٿا مچ پرن
اتي خاص خليل الله[4] گهرن

---

[1] انا احمد بلا ميم = مان احمد سواءِ ميم (احد) آهيان .
[2] ربّ ارني = "رب پاڻ ڏيکار مون کي"، حضرت موسيٰ عليه السلام جا الفاظ.
[3] "هرگز نہ ڏسي سگهندين مون کي"، الله تعاليٰ جو جواب
[4] خليل الله = الله جو دوست، حضرت ابراهيم عليه السلام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچا ڪين منجهان آڙاهه اڙن
ڪيئن نار منجهان گلزار ڪيئي

آئين صورت جو سينگار ڪري
پنهنجو پاڻ ڏسڻ لاءِ پير پري
تنهنجي سير بنا پلا ڪيئن سري
پنهنجو درسن سپ ديدار ڪيئي

خوش خير محمد خيال خدائيءَ جو
بن پيڙو ڪال ٻيائيءَ جو
رک خيال همئه هيڪڙائيءَ جو
ويڑهي وحدت جو واپار ڪيئي

* * *

عشق تنبو طولان ڪٽي آٽي ڪوڙيا
سوز درد سامان آٽي جنگ جوڙيا
عشق حسن ڪري حملا آيو
ستڙين پهرين ست ستڙايو
ڪپي ٻيٺا خان نه تن منهن موڙيا
عشق چيو ڪوڙا ڪڏهن نه اڙندا
لاشڪ عاشق مون سان لڙندا
جوش ڪري جولان وري مون تي ووڙيا
محبت مچ ڏسي نه مڙيا
ڪامڻ لئه ڪوري ۾ گهڙيا
ڏس پتنگ پروان شمع تي ڏوڙيا
خير محمد خوش جان جلائج
جيري مري ميدان ملهائج
نڪري تي نيشان ڪري لس لوڙيا

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نينهن پڑهائي نماز
عشق ٿي آيو امام اسان جو
حضرت عشق اسان جو دائم
ڏينهن قيامت تائين قائم
نوڑي ڪيو سي نياز
سجدو ٿي آيو سلام اسان جو
عشق جي بازي عاشق ڄاڻن
مام محبت سالڪ سڃاڻن
رند ڪي سمجهن راز
ڪلمو قرآن آهي ڪلام اسان جو
خير محمد بيان چوان مان
اعليٰ عشق جو شان چوان مان
عرش ۾ آهي آواز
جلدي پهچايو پيغام اسان جو

* * *

عشق وجايو حجاب
ڦٽ ڦڪڙي آهي ڏاڄ منهنجو

عشق وجي ٿو اتي پهچائي
جاءِ جبريل جتي ناهي
پيتم شوق شراب
ملڪ سڃو معراج منهنجو

عشق اچي ٿو جنهن سر نسري
ورد وظيفا ويا تنهن کان وسري
آيو نينهن نواب
حاصل ٿيو هر هاج منهنجو

عشق کهايا ڪامل ڪيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرها ٿيا سر سالڪ ڏيئي
عام ليکي عذاب
ڪسڻ مان ٿيو ڪاج منهنجو

خير محمد ڏڻو جيءَ ۾ جاني
و في انفسكم قول قرآني
مليو خاص خطاب
سير سيئي ٿيو سرتاج منهنجو

* * *

پسي رخ روشن مهتاب
بيوس دل ويئي آ ونگجي

محبت جي ميدان ۾
ڪندا ڪي جوان جواب
سوين سورهيه ويا سنگجي

حب ۾ هميشه حبيب سان
هلي ڪو نه حساب
جت جاءِ ناهي جنگ جي

دل اسان جي دست ڪئي تو
چٽي ڪين شتاب
پاڻ سان ويئي پنگجي

خوش خير محمد عشق عجيب ۾
ڪسي ٿيو آ ڪباب
ماس سيخين ويو ٽنگجي

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو تاب حسن جو هڪڙي گهڙي
پهڻ پاهه ٿيا پيا ڏونگر ڏري
اولهه اوپر اتر ءِ ڏکڻ ڏسان
ٽر بر بحر تنهنجون راهون پچان
سنجهه صباح پيو رڳو توکي پسان
ڳولي ڳولي ڏٺم سپ ڳوٽ ڳري
تنهنجي گولن جي گولي ٿيان
جند جان سڄڻ تان گهور ڪيان
مان زمن زمين ٻئي جهان ڏيان
جنهن کي لوءِ لڳي ٿي سا ئي چري
خوش خير محمد ارمان ويو
جڏهن يار اچي مهمان ٿيو
مون تي راضي خود رحمان ٿيو
مليو محبوب منهنجو، پيون اکڙيون ٺري

* * *

واهه وحدت جو واپار وڻيو
وهنوار وڻيو ويچار وڻيو
آهي وحدت جو واپار منهنجو
سودو سر جو ثابت يار سڻو
ٻڌ عشق جو هي اقرار منهنجو
منصور کي ڪيئن سردار وڻيو
لئي نينهن نسنگ نروار ٿي هل
تون بي اختيار اختيار ٿي هل
لئي خيال خاصي خبردار ٿي هل
اٽئي روح کي هي الغار وڻيو
ڏس ڪربل جو هي ناز نسنگ
پيا پڙ ۾ ڪڏ پروان پتنگ
هيو ازلي عشق جو لکيل انگ
سر نيزي تي هسوار وڻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خمخاني پي مئي ساقيءَ کان
لنگهه ملڪ عدم ۽ باقيءَ کان
ماڻي معنيٰ عشق اوطاقيءَ کان
واهه موتو قبل اختيار وڃيو

پڙهه دل سان تون قرآن کولي
ڏس يدالله آيت ڪير ٻولي
سو چپ چولي ٿي انس اولي
خوش خير محمد مختار وڃيو

لا الله جو لاهي بار
الا الله ۾ ڪر الغار
پاڻئون پنهنجو پاڻ سڃاڻج
ڄاڻ وڃائي ڄاڻ ڪي ڄاڻج
منصوريءَ جون موجون ماڻج
حق اظهار ٿئي بردار

سڪ جو سندرو ٻڌ تون ساهي
ڇوهئون هل ڇڪڻ ڇاهي؟
هڪ گهٽ سان پئو ڪٽ ۾ ڪاهي
ڪارونيار ۾ پس انوار

ملڪ معنيٰ جو محبت ماڻي
وحدت محبت جو ٿي پاڻي
موحد ٿي پوءِ پاڻ سڃاڻي
توحيدي پيو تند تنوار

ونحن اقرب پاڻ پيو ٻولي
اسم جسم جي آهي اولي
ذات صفات مان خيال سان کولي
ڏس پيو ڪل آ ڪلتار

لا جي لام ڪي جي تون لاهين
الف هڪوئي هڪ حق آهين
وهم وسارج ٻيو ڪجهه ناهين
خير محمد خوش خبردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرد ٿي ميخان ۾ آ، لا جي هيڪان ٿون لنگهي
مئي جي سرڪيءَ لئه متارن کان موڪي سر ٿي منگي

ڪيو موڪيءَ چپ وات ۾ پيو ڪات ڪيائين هٿ ۾ ٻنگي
گهر ته عاشق گهوٽ ٿئين ڇڏ اوٽ آ سينو ٽنگي
ڪين ترسيا تر هڪو عاشق ويا اتي سر اَنگي
نشي غالب نينهن جي وڏا وجد وحدت سان ونگي

سرت سڏڻي کان وئي ڏس کهيل ڏوران کنگهي
ڪو عاشق ايندو اتي سورهيه سري چاڑهيون چنگي
خوش خير محمد خيال سان درست پيتو دل دنگي
ڏسي مردن جا مشاهدا هيءُ سري کان ڪيئن سنگي

* * *

سرڪ تي ساقي منڀي ٿو ڏس متارن جا متا
اصلئون اها آئي اٽن خرچن ٻئي ناڻي نتا

اهي سر وڍي ڏين سيگهه ۾ جن جا پيئڻ لئه چپ چتا
ڪاڻيون ڪلالن کي ڏسن ڪوپا نه ڪن ڪائي ڪتا

محبت واري ميدان ۾ عاشق ڪرن سِرَ جي ستا
مٽ تي موڪي آڻي رکي هڪ هڪ ڪيون پنهنجا هٿا

بوءِ ٻڻن جي ڪاڻيا مئخان ۾ مٽ جي متا
لاشڪ تنين لاوان لڏيون چڑهي سيج سوريءَ تي ستا

پي پيالا پر ٿيا عرفات عينن ۾ اتا
خير محمد خوش لڳا دل سان پيا ڪن جا پتا

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طلب ساز تنبور کيون ۽ يلي ٽين اڄ رقص رهائيون
جوڙي ساز شروع ڪري طبلا ۽ ٽڙي دوئيءَ کي دور ڪيون
نوان سيد ٻڌاءِ کي ٻاڙيون
حسن جي تجلين تابش ڪيڙي ۽ سينو سلرو ڪوهه طور ڪيون
ماسو المحبوب جي ڪاڙيون
بيخوديءَ جا نينهن نشا پي ۽ مست اکيون مخمور ڪيون
آيو عشق عقل کي اماڙيون
خير محمد خوش خيال ٻڌو ٽي ۽ هينڙي حج حضور ڪيون
دمدم دوست جا درسن ماڙيون

❁ ❁ ❁

پسي صورت جو سلطان ۽ هڻ حيران لڳي
جن ملائڪ حوران پريون ۽ هر هڪ ٽي حيران
پڙهڻ سبحان لڳي
ڪليا حسن چمن چوطرفين ۽ بلبل ٽي مستان
برهه بوستان لڳي
سر سونهين پوشاڪ گلابي ۽ موهيو مسيءَ پان
متس مرجان لڳي
سهسين رنگ سرود تماشا ۽ سازن جا سامان
جاڏي ڪاڏي تان لڳي
خير محمد خوش خبر حسن جو ۽ بيحد آهي بيان
جنهن سان جند جان لڳي

❁ ❁ ❁

من موهيو تنهنجي تار ميان! مَ رسي منگتو
گهُر جيڪو گهرٽو هجئي ۽ موٽ نه مگڻهار
لائي جيءَ سان جنگ تو

---

(1) العشق نارٌ يتحرق ماسو المحبوب = عشق جي باهه محبوب کان سواءِ سڀ ڪجهه ساڙي ڇڏي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا راءِ ڏياچ کي تان لڳي تکرار
چارڻ چوريو چنگ تو
گڙهه پاسي ڳائيو ٻيجل پڻ ٻيهار
وڏا دل کي ونگ تو
ڪپي ڪلهن کان ڏنائين پليءَ رين پتار
آهن راجا رنگ تو
موڙي ڪريا مگڻي سازن کي سينگار
مچايا من ۾ مرڏنگ تو
خوش خير محمد ٿو گهري مئي کا مست پيار
آهن دستين دنگ تو

* * *

واهه تنبي جي تار ڏسو ڏيڻ سر ڏاتار ڏسو
چا تنبي چا تار چوان چا ڏيڻ سر ڏاتار چوان
موڙي مگڻهار ڏسو
چارڻ ويهي چنگ وڄايو سالڪ ڏاڍو سوز مچايو
هل ساري هالار ڏسو
سر ڏيڻ کو سڙو ناهي ڪير ڏئي ڪنڌ ڪلهن کان لاهي
پرت لڳيءَ جا پار ڏسو
ٻيجل ٻي کا تند ٻرائي جان جسر کان ڪئي جدائي
پرهه سندي پڪار ڏسو
خير محمد خوش منگتو مولائي برهه ڏاڍي برسات جو لائي
محبت مينگهه ملهار ڏسو

* * *

پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ کي پس
ماڻ مزو چک روحي رس
صورت مان صورت ئي سِکُ
طالب هي توحيد ته لِکُ
ڪٺج قلم ءِ ڪاغذ مس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوئي ٻولي و في انفسكم
چپ چپن سان تنهنجا چم
قدم تي سجدو هر دم هس
نوڙت سان ناسوت لتاڙي
ملكوت ۽ جبروت لتاڙي
لنگهج لڪ لاهوتي لس
نقس قلب ۽ روح سرّ
خفي اخفا جا ڇهئي گهر
سير صفاتي ذاتي ڏس
خير محمد وادي وحدت ۾
ڪثرت گم ٿي هرگن گت ۾
برهه بنا ٻيون باتيون بس

* * *

ڪر همت ڇڏ حرص كي آهي دور دنيا دم گذر
وچ عشق وارن وٽ هلي سر سالكن جي رک نذر
ايندن چون صد آفرين آهي طالبن جو تن قدر

ڏيندي۽ وٽي وحدت سندي ڪندو عشق تو سر شور شر
هر جاءِ ايندءِ حق نظر ڏسندين حسن جا حل حشر

پڙهين ٿو نمازان نفس لئه من مون ملن حورون قصر
وقت ويني ٿو وجئي پڙهندي پنا نظر و نثر

پڙهندي پنا كي سال ٿيا توكي نه ٿيو تر جو اثر
اوڳا عمر سڀ صرف ڪيئي حاصل نه ٿيئي هڪڙو اكر

خوش خير محمد خيال ڪر بي انت آهي هي بحر
هن درد جي درياهه جي آهي خاص خاصن كي خبر

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجهو يار آيو اوهين چا ٿا پانيو
پياريو پياسن صبح جو سوايو

صبح جو سوالي منگي جو موالي
ڪڍهن ڪين خالي ونيءَ تان ورايو

سين ڪي سڏائي ٿو ڏولیو ڏکائي
هي ليڙون لهرائي پوشاڪون پهرائيو

ڪوڙي خيما خاڪي اچي ٽيو اوطاقي
الهه عشق باقي حڪم جنهن هلايو

احدوءن آيو احمد حڪم جنهن جو هر هنڌ
خوش خير محمد وحدت گيت ڳايو

* * *

جلوو تاب حُسن جو ڏسي تجليون
سارو جبل وجي ڪوهه طور جليون

تنهنجي پنبڻين جا پيڪان چوان
اهي نيزا بڙچيون بان چوان
نت ابرو سيف ايران چوان
ڪيڏو ڪيس ڪرن ڪاريون ڪجليون

ويڪو عجب محبوب مام ميان
ڪن فڪل ڦاسائڻ عام ميان
توڙي وير هجن وريام ميان
وجهي دام زلف ڪن دست دليون

جاڏي هڻڻ ٿا بهڳڻ ٻاڻ ميان
تاڏي عاشقن آهي تاڻ ميان
مرڻ جيئڻ مشاهدي ڪاڻ ميان
ڪنا ڪين رهن توڙي ويڙهن وليون

خوش خير محمد نگاهه جاڏي
وسي ويڙهي وجه الله تاڏي
ڏسي برحق ٿو بالله ماڏي
بينو شهر بحر ملي ڳوٺ ڳليون

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي جو کالھ اکيون ڏسي آيون
ھاڻي رھن نٽيون ڪنھن جي رايون

بعضي زوري بعضي چوري کا جا لڳي عشق جي لوري
ڪنھن راز وڏي ته ريجھايون

درست لڏائون دلبر ڳولي ھيڙو عام اکين کان اولي
ڪنھن حرفت سان ھٿ ڪيائون

چاريءَ ھٿ محڪم چوائي چئجان پاند ڳچيءَ ڳل پائي
اوھين ڏاڍ چڏيو ڏاڍايون

خير محمد خوش جي ٽيڙيون وجي عشق الھوٽ ۾ پيڙيون
وريون واھ وصال جون وايون

* * *

لکين پوشاکان پھرين پيو
ته به عشق چوي ٿو يار اِجھو
عاشق توکان البت واقف
ڳوٽ ڳليءَ ۾ ناھين ڳجھو

مرسل کي معراج گھرايُوَ
پرت منجھان پيغام مڱجو
دوست پنھنجي کي درسن کاريو
جيکي اوھان کي سير سجھو
کالھ کالھوٽي ڏاڏي آدم کي
بھشت منجھان ڏئي ڪڍيو ڏجھو
ڳالھ مڙيوئي ڳڙ ٽي پيئي
ٻولي ڳجھارت پاڻ ٻجھو

لا يتحرک لا شک چيڙو
قصو انهيءَ جو ڪن ڪجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙا ٿا عنوان ڏيو
ته به ماڻهو موڳا پون منجهو

خوش خير محمد خير گهري ٿو
وٽي تنهين کان کانه وجهو
ظاهر باطن رنگ بيرنگي
حاضر منجهه هر حال هجو

* * *

هن سيف ابروءَ جي سڻي مانجهي هزارين ماريا
کي ماريا کي جياريا کي عشق جا آزاريا

کالهه مجنون قيس کيئن سوز وارا ساريا
ٻڌ عشق جي وڌ هيءَ خبر ماري وري پئي جياريا

ڏنو تخت کي رانجهن ترک اسباب عشق اڏاريا
رنگپور جي ريجهه رهاڻ لئه ٽي چاک وڇڙا چاريا
يوسف ذليخان ذوق ۾ يڪدل ٽي دم گڏ گهاريا
شوق شيرين جي سبب فرهاد ڏونگر ڏاريا

صنعان جهڙن سالڪن تقويٰ جا ورق وساريا
کيا سيف ابرو جي قتل ڪاڪل جهڙا ڪاريا

خوش خير محمد خيال سان ورد وظائف واريا
جيڪي عشق آدم سان کيا اهي قول پنهنجا پاريا

* * *

وهه واهه ڪليو آ باغ اعرابي گل گلابي
موتئي موهيو نرگس ڪليا نين نقابي

علي ولي شاهه مردان آيو
شهنشاهي طبل وڄايو
هر جا حق جو حڪم هلايو
سمجهن صوفي سخن شتابي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمزن غمزن رم جهم لائي
ڪوئل قمري قم قم ڳائي
مينا طوطي مست ٿي آئي
ڏسي مک محبوب مهتابي

خير محمد خوش مليو ماهي
ڏني بلبل عشق آگاهي
سرها ٽيئڑا سپ سپاهي
محبوب مليو مصري محرابي

* * *

عاشق اکين ڏسڻ لئي
محبوب ڏس! مري ٿو

عاشق کي انتظاري
لائي برهه بيقراري
پائي پاند ڳچيءَ ڳاري
سجدي ۾ سر ڏري ٿو

عاشق حسن ماريا
انهيءَ ڳليءَ خان ڳاريا
سر ڏيڻ لئي سينگاريا
ڪيئن پتنگ پوءِ وري ٿو؟

خامن جي ليکي ڪريو
سارو لوڪ چوي چريو
ڪڏهن ڪونہ ٻڌوسي وريو
جيڪو گهير گهن گهري ٿو

خوش خير محمد خانان
لکين برهه جا بيانان
دانا ڪري ديوانان
اهڙا عشق ڪر ڪري ٿو

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ قران حيران تو لئي
منهن ڏسڻ جي واسطي
آهيان اجايل عشق جو
پيو ٿو رڑان راتيان ڏينهان
پرت جو پيالو گهران ٿو
پُر ٿيڻ جي واسطي
ڏک ڏولاوا ڏيهه اندر
ٽکر ٽولاکا پسان
پرت جو پنڌڑو پچايان
دل ڳنڍڻ جي واسطي
دائما ديدار لئي ٿو
وس ڪيان وارا وري
پنوءر ٿي آيو آهيان
واس ونڻ جي واسطي
اوچتي هن چمن اندر
ڪيئن بشر بلبل بڻيو
خوش خير محمد آيو حسن ۾
گل سنگهڻ جي واسطي

* * *

زوري ڪري زورآور يار
دلڙي لٽي وئين ڏاڙي ۾
راتيان ڏينهن رڑان
ڪنهن کي ڪين چوان
ڏسو ويڻي سور سهان
پرين جي پاڙي ۾
رمز عجب جي رکيون
هٿي وئين هٿ ٻکيون
تنهنجي ڏسڻ لئي اکيون
روز رڙن راڙي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير ڪوڪارون ڪيڏيون
هوت نہ ڪجن هيڏيون
جيءُ جلي ٿو جيڏيون
سوز انهيءَ ساڙي ۾
خير محمد کي دلبر
سکڙي اوهان جي سپر
پاڪ پرين پيغمبر
چاڙهه چکڻ چاڙهي ۾

* * *

محب ملڻ جي واسطي
چاکن ڪئي دل چري ڙي
چري
دلبر دلڙي دوست کسي ويو
ڏيهه ته پنهنجو کين ڏسي ويو
الا درد ۾ دلڙي ٻري ڙي ٻري
حال حقيقت ڪنهن کي سڏايان
ڪونهي محرم جنهن کي ٻڌايان
الا وجان ڇو نہ مري ڙي مري
روئي رڙي حال گنوايم
ننڊ به جانب دوست وڃايم
الا بر ۾ بيني ڪڙي ڙي ڪڙي
دونهان درد جا دل ۾ ڏُکن ٿا
کين اجهامن جيءَ ۾ جکن ٿا
الا باهه برهه جي ٻري ڙي ٻري
خير محمد عاشق پرت پياسي
رکج اميد الهه ۾ خاصي
الا محب ملندو وري ڙي وري

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يار اوهان سان منهنجي
الا بيوس دلڙي جو ڦاٽي
باهه برهه جي ٽي پڙکي
جيءَ اندر ۾ جهڙکي
چاتي چاتي پئي ٽڙکي
بار کهي وئين ريءَ کاتي
محب ملڻ واري ڪر کا
مهر نظر ڏر کا
والي اچي ڪندو ور کا
الف پڙهيان اثباتي
جودئون پاتم جهاتي
ڊوليا جندڙي ڦاٽي
قربئون وهايئي کاتي
ڪونهي سورن منجهه ساٿي
محب منا موچارا
روز تکيان ٽي تارا
صورت تنهنجي آ سوپارا
جوان جنديءَ تئون لاٿي
خير محمد چوي اچي مل تون
اگڙ اسان جي ڏل تون
ڪول گهونگهٽ اچي کل تون
بهشت دوزخ سان اسان جو چاٽي؟

* * *

جيڏيون جيئري جي گڏيس
چوندیس راز رڙي
پنهنجي پنهل کان پڇندیس
لائق آڏو لڇندیس
چاکان تو يار ڇڏيس
لائي لئون وي لڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھوٽ وجهي وئين گهاري
جيڪس هيڙس ڏاري
تيلاهون تو نه سڏيس
چپر چڏي وئين چڙي

خير محمد سان ملندا
خوش ٿي يار کلندا
اڙي اديون مان اڏيس
پريم پت جا پڙي

* * *

ڪري ڪڪر اڄ مهرون آيو
الا الله بادل برسايو

ڪٽي سامان سارنگ اچي سنڌ ۾
سر طالبن طبل وڄايو
انت الهادي انت الحق جو
سيني ۾ سوز سمايو

حسبي ربي جل الله جو
ڏس چشتين جوش جڳايو

خوش خير محمد هر فقر جو خادم
نوشهري سيس نوايو

* * *

دوئيءَ بنا دل ڪاڏي ڪاهي
ڏانءُ سڪج وٽان سالڪ ڏاهي

ساڻ دوئيءَ جي دوست ڏي هلبو
خيال پيادو روح سان پلبو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي حقيقت حال ۾ رلبو
اسر جسر کي لا سين لاهي

ٿي هوشيار بيدار خوابون
هيءُ حباب آيو تنهن آبون
رلمل ڪر منجهه ذات شتابون
بحر بقا جو برحق آهي
جنهن لاءِ زمين آسمان نهارين
تنهن سان پيو ٿو گڏ گذارين
تو ۾ موهن تنهن جي پارين
ونحق اقرب ڏور سو ناهي

خير محمد خوش حسن جون هوليون
ياتو ياد برهه جون ٻوليون
سمجهه عاشق معشوق پروليون
پاڻ سجاڻ ته هيءُ چند چاهي؟

* * *

اجا ڪالهه قيمت ڪهڙي بهشت وڪاڻو
ڪري محتسب تون ڪيڏو ماڻو

ريءَ امر ابليس اچي
ڪهڙو ڪم دغا ڪيو ڪوڙ ڪچي
شيطان ٿا چاڻو، اوهين لوڪ اياڻو

ريءَ آدم جاءِ جنت خالي
ڪهڙو ريءَ حورن اتي مرد موالي
ادريس ڪيو آباد ياڻو

جلوو عشق سندو جڏهن ٻاهر پيو
ڪنتُ ڪنزاً مخفي ظاهر ٿيو
جادو عشق چوان يا گندم داڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نت عاشق ماڻن ذوق لقا
تن بيشڪ آهي شوق بقا
افسوس اهو اوهين پاڻ سجاڻو

آهي مظهر حسن جمال سندو
آهي مطلع نور جلال سندو
خوش خير محمد اهو سير سيباڻو

* * *

آهيون ساعت مسافر سانگيئڙا
تون ته آئين ڪهڙي هت ڪمين؟

يار پنهنجي سان رهج يگانو
چو وجين ايي لمين؟

قرب نوريءَ جو ڪنهن نه سجاتو
صحيح سجاتو سمين؟

پنڌ انهيءَ جو پرو ڪو پيڙئي
طالب آئين جنهن طمعين

خير محمد خوش خيال اوڏاهين
روز رهبر سان رمين

* * *

سچ ڪنهن نه وڻي سو ته ڪيئن چوان
جيئن ٿو عشق چوي تيئن ٻيءَ ٿو پوان

پڙهه الف ٻولي اثبات هڪا
بي تي واري بات نه ڪا
ڪهڙي لا سندي مان لات لنوان

آهي حسن جهڙو دل راز نه ڪو
ٻئيءَ عشق جهڙو شهباز نه ڪو
شاهه شوق منجهان ڪيو دوست روان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي نينهن نظر اهي نيڪ ٿيا
اسلام ڪفر سان ايڪ ٿيا
متان پوءِ ٿئي ارمان اوهان

خوش خير محمد مٺلهه خريد بندو
آهي عاشق عبدالحي سندو
لائي نرڙ پيرن تي آڻ نوان

* * *

ڏور وڃڻ جي ڏاڍي ٻڌايئي
ڇاڻي الله مون کي ڏاڍو ارمان

روز ازل تنهنجو ٻول ٻڌوسي
قالو بليٰ وارو قول ڪيوسي
ساهه سري سهڻي تان قربان
دلبر اسان کان دل ڪسي وئين
ڏس نه پنهنجو يار ڏسي وئين
لا مڪان ۾ تو ڪيو مڪان

جانب تو اسان جو جيءُ جياريو
عشق تنهنجي سهڻا سبق سيکاريو
دمدم دردن جا داستان

خوش خير محمد رک خيال اوڏاهين
آهين جيڏهون جو وڃج تيڏاهين
ڪهڙو ڪرين ويڙو برهه بيان

* * *

اول ڇئي اثبات
هاڻي ٿو منهڙو لکائين
احدون اڳ ۾ ٻيو ڪجهه هيڙو لا وارو ليکو پوءِ ٽيڙو
ويڙو اڏي محلات سالڪ سمجهه اتاهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وحدت ريءَ ٻيو ٻول نہ ٻولج موتو وارو قول قبولج
ظاهر ٿيندو ذات سڀين تان يار سڀائين

صورت معنيٰ چاڻج مولا دين عشق جو اصلون اعليٰ
لا واري ڇڏ لات کهڙو ويٺو کسب کمائين

خير محمد خوش ٻول نہ پائنج ساڻ صورت جي رمز رلائج
برهه بنا ٻي بات عاشق هاڻي متان الائين

* * *

بيرنگيءَ جو بيان ڪڏهن کين عقل ۾ اينو
هستي هئڻ دور ڪري ڇڏ نفس کهي نادان
تڏهن پرو ڪو پوندو

لا لنگهي ٽڄ اڳاهون خواهش ڇڏي خان
پنڌ اهوئي وڃ پڇندو

جيسين ڏسندو ڏيکيل کي هوندو منجهه گمان
ماڳ انهيءَ تي نا ملندو

نفس امارو آهي احمق ويري ڪر ويران
نہ ته نياڳو توکي نيندو

خير محمد خوش خيال سان ڪري عشق ايمان
ڏيهه اهو هلي ڏسندو.

* * *

محبت ۾ رهه محو مدام
ٻولي ٻولج هڪ وحدت وائي

پهريون باب ٽي بقا وارو سوريءَ تي ڪيائين لقا سارو
عرشئون آيو ان کي الهام ٽي همئه سان هيڪڙائي
ڪري ڪوئي اثبات اهين جان ٽئي تحقيقات تهين جان
نفسي کيڙو ظاهر نام لا سان لڳي آهه لڙائي
نينهن نوبت منصور ويو ماري طالب ويو توحيد اُجاري
اچي ٽيڙا هنل هنگام اتي عاشق ڪئي اجرائي
خير محمد خوش ڪئي اثباتي اسر جسر ويو ٽيو ظاهر ذاتي
حق بنا سڀ هئن حرام وحدت سان دل تو وچڙائي

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کربلا وارو قتل عشق اصل
آيو آ سر عاشقن جي
پنهنجو نهارج پاڻ ۾
چولي اندر چئنچل
سپ پر آهي سهڻو
پول ٻئي نا پل
دلبر سندو دل ۾
هيڪارون آهي هل
خوش خير محمد وڻ خيال کي
ملهه سان لڙي جيئن ملهه.

* * *

سوز درد ۾ سڙن، کين مڙن
وڏا جي عشق آزاري

محبت جي ميدان ۾
خوش ٿي خان کڙن

سهڻل يار سيکاريو
سورهيه سبق پڙهن

عشق سندي آکاس تي
چڙهيا چوٽ وڃن

جوڳي پنهنجي جيءَ ۾
پرين تا پسن
خير محمد خوش خيال سان
لاهوتي تا لڙن

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کلر نہ ٻئي ڪنهن ڏيون
هاديءَ ريءَ هن حال جي

تنهنجو توکان تر نہ پاسي
چو هڻين ٿو هنيون
وٽ ناهي هڪ وال[1] جي

عشق اچانڪ آيو اندر ۾
چا چوان چا چيون
رمز ڳجهي هن ڳالهه جي

خاص خبر ٻئي ڪنهن نہ سڻايون
چو ڪنهن سان ڪيون
محبت جيهي مال جي

خير محمد خوش هٿان ساقيءَ جي
سرڪ سدا پيا پيون
ناهي ملهه اڄ ڪالهه جي.

* * *

دل لا جا حرف ڏري
پڙهه برهه واري باب ڪئون

تون ته اصل ڪان عدم ناهين — پورا ڪهڙو پول ٿو پائئين
پيڇ پنڌ ڪري — ڪنهن عشق سندي ارباب ڪئون

ڇڏ هئڻ تون خود پرستي — پوءِ ماڻيندين حق جي هستي
نڪر ناهه ڪري — هن عالم جي اسباب ڪئون

ڳولي لهه تون پاڻ ۾ پنهنجو — نحن اقرب تو ۾ تنهنجو
پرين ناهه پري — لنگهه هئڻ واري حجاب ڪئون

خير محمد خوش محبت من جي — ٻڌي آيو هاڪ حسن جي
ڏس دلبر ديد ڪري — ڪڙ نيڙ ٻئي نقاب ڪئون

* * *

(1) آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لک ناز سکيو آن نوان
مشتاقن جي مارڻ لئہ
تير اکين جا ڏاڍا تکيرا سيني لڳن ٿا سنوان
سبق سوين تنهنجي سورن جا روئي کيا اٿم روان
ڳڻن تنهنجن جون ڳالهيون ڳجهيون چا چئي چا چوان
خير محمد خوش در دلبر جي پيش هلي مان پوان.

* * *

عشق فرض آڻي ادا کيو
ابروءَ جي محراب ۾
شاهہ منصور کي سولي چاڑهيائون
اهو مڻن پنهنجو مدعا کيو
پڇو هنين کان هت چا آيوَ؟
نينهن وارن جي چو ندا کيوَ؟
ڏسان صورت صنعان نہ مڙيو
توڙي حرفت پنهنجي هدا کيو
خير محمد خوش تابع حسن جو
اها ندا منهنجي سدا کيو.

* * *

عاشقن عيد سدا ٿي
عالم عيد فصل ٿي
عاشق الضحيٰ کوڏيا
ساري جان فدا ٿي
ونحن اقرب ويجهڙو
جانب دم نہ جدا ٿي
الانسان سري و اناسره
اهڙا هول بدا ٿي
الفقر فخري چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرسل پاڻ مدعا ٿي
ڪن ٿا قاب قوسين جان
اڪبر حج ادا ٿي
انا احمد بلا ميمي
پهري آيو ردا ٿي
خوش خير محمد ٻڌ خطبو
ساري خلق خدا ٿي.

* * *

آتشبازي عشق اُڏاري
پچو پتنگن ڪان سڌ ساري
ٽين شهيد شمع تي عاشق
اصل اِنهن آهي سر اختياري
اول اٽئي آڙاهه خليلي
پوءِ برهه ۾ باغ بهاري
خام چا لهندا خبر ڪوري جي
ڏيل ڏسي ڪن جان پياري
خوش خير محمد ناهي مهل مڙڻ جي
ڏئي متان محبوب مياري.

* * *

تون ته اچون اچون پيو آءُ
مٿي هول سڀاجهڙي لاٽڙي
ڪانگل ڪر وڃي پنهنجي پر ۾
آزيون لڳ الله
مون ڪي ورهه وهامي راٽڙي
اُڏر پکيڙا بار پرينءَ جي
لهي آ سڌ سماءُ
ويٺي نيٺ نهارن واٽڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن چون تيئن چئج اسان کي
سنيها کي سڃاڻ
ويهي لئون برهه جي باتڙي
خير محمد خوش کئين جون واڌايون
ڏيندا سنجهه صباح
پرين پاڻهي پائيندا جهاتڙي.

* * *

ڪاکيون ڪالهاکون ڪانگ لنوي ٿو
اڄ ايندا کي سڃاڻي
ٻولي ڪانگ جي آڏ ٿي سمجهان
ايندا عجيب اکاڻي
هر هر هاج مان هٿ ڇڻي ٿو
سوڙ ساهه سجاڻي
سوين سور ستم سڀ سرتيون
اڇهو ڇڏيندو اماڻي
خير محمد خوشيون ٿيون، ويا خطرا
کي ڏينهن ٿيا حاڪماڻي.

* * *

آيا اڄ کي سلام عجيبن جا

خط پروانا ڪيئي لکيائون
هاواڻا هئا حبيبن جا

ڪانگ نياپو چئج نڏر جو
قاصد ڪول قريبن جا

خير محمد خوش دلبر مليو
وڃان ڪنجڪ ڪريمن جا

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتي ملڻ جي مبارک آئي
وري ٿيا وصل وچئون وئي جدائي
ڪڏهن منجهه صورت گل هويدا
ڪڏهن آشفته بلبل شيدا
سروَ چمن ۾ ڪئي عمر سدائي.
بلبل خيال خزان جو نه پيڙو
لنگهي صورت کان معنيٰ ۾ پيڙو
سمجهه سچائي پر واهه وفائي.
گوناگون گهريون گلن جون پوشاکون
حسن عشق اڏايون اندر ۾ اوطاقون
ويڙهي بلبلن جي وهه واه واڌائي.
بسنت بهاريون لڳيون عشق آبادیون
ٿيون هر طرف ۾ حسن شوق شاديون
خير محمد خوش خيال خدائي.

* * *

وڇڙيا ملن يار لهندا غم غبار
گڏ ٿي گذاريون دم نه ٿيون ڏار
دلڙي اُداسي من گهٽو ماندو
برهه ڏولڻ کان مور نه واندو
لئون سڃڻ جي ڪيو لاچار
روز سڃڻ لئه ڪانگ اڏايان
پنڌ پرينءَ جا وات واجهايان
تن اندر آ ڏوليا تنهنجي تار
قسمت قيد الماءِ[1] بيوس جدا ڪئي
ڏاڍو ڏک وئين يار مٿا ڏئي

---

(1) قيد الماءِ اشدّ مِن قيد الحديد= داڻي پاڻي، جو قيد لوهه جي قيد کان سخت آهي (چوڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽ مران ٽي سگهو لهه سار
خرش خير محمد چئي ڪڍهن يار ملندو
دردمنديءَ کي دلاسا ڏيندو
نيٽين وهن ٽا ٽڏيون ۽ ٺار

* * *

آيو يار اڳڻ ويا وهم وهي
ساڻي سڪڙا ٽين سو سور سهي
هيٽو حال ڏسي هيڪاريون
دلبر ڏنيون لک دلداريون
منهنجون سي ئي ڳل ڳاريون
ويا لحظي اندر لڙڙا لهي

سو جيرو جدائيءَ ۾ جليو
سو سيڪي سڄڻ کي مون سليو
هيٽو حال ڏسي وئين هوت هليو
تنهنجي روءِ ڏسي پيا رنجڙا رهي

مون کي منل هيئن چيو مرکي
سڪ مان پياربي توکي سرکي
ڪري هردم اسان جي هئن هرکي
اهي ٻول ٻڌي ويا ڏپڙا ڏهي

خوشيون خير محمد ٽيون گهٽيون
منهنجون ونگايون ور کي نه وڌيون
مر مان جيان ڳڻ ڳڻيون
مقبول نظر ٽين ڪوڙڙا ڪهي

* * *

ساهڙ ريءَ منهنجي ڪانه سري
پير پرت ريءَ ڪير پري
لڳي اُتر پوي سيءُ سيارو اوڇڻ عشق ريءَ ٻيو پائڻ بارو
لڙ لهرون جتان ڪن ڪري گهور ڪيون سي گهير گهري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات اُونداهي مينهن وسن ٿا گهمر گهير جتي ديونسن ٿا
قدم دريا ۾ ڪير ڏري سهڻيءَ ريءَ تِک ڪير تري
سرڪ ميهر جي ڪئي مستاني دلبر دلڙي ڪيس ديواني
وس ڪان وئي سا ڪيئن وري بيوس ڪئي آ ذوق ذري
خير محمد خوش خيال ملڻ جو موج متي مهراڻ گهرڻ جو
چو ساهه سريءَ جو سانگ ڏري مر ميهر سان پرت پري

* * *

سڄو منڌر ملاحن جي مٿان
ڪيو سمي ڇام انعام

سمي هئي صورت سجهندي
مورت واري مام
صورت سڄاڻي ڪري
اڇي ڪيائين هُل هنگام

مهاڻيءَ جي من ۾
اِهو اصل ڪان هو الهام
ڏسو نوريءَ ساڻ نگاهه
جنهن کي ڪوڙين ڪن سلام
گندرين جي گام ۾
ڏس ڇلي آيو ڇام
ڪيو تماچيءَ تڪيو
منجهه ميائيءَ مقام

خير محمد خوش ڪيئي
سڄي سون ميائي سرانجام
جنهن جي جهوليءَ چند جهليو
سا مرڪي ڪيئن نه مدام

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ نہ ڪن پنهوار
سونهن لعل لڳن سر لويون

جيئن هت باغ باغيچا ماڙيون تيئن هت اوٽ اتر ڪن واڙيون
ويڙهيچا ولهار اچن سنگهار سگر مٺ سويون

سهٽا گل گجن تي سرتيون خوش و تن پنهنجي پيڪين پرتيون
چگا چندن هار پائن پنهوار ڳچيءَ ڳل پريون

صلح صفائي آ سيل سنگهارن ڪٽ ڪنجهي ڪان ايل اباڻن
دست دلو اڻن دلدار اچن پري سر آب جون اويون

ڪاڇ مارن جو ڪنييون آهي ڏين ويڙهيچا وٽ وراهي
لاڙي ڏونرن ڏار ڪائن موٽ مڪڻ سان موهيون

خير محمد خوش ملان ماڙيچن ورهه ٽيا مون ڪي ڏني ويڙهيچن
سانگي ميل ستار وڃن داغ دلين تان ڏويون.

* * *

مون ڪي ملير اماڻ
سپ ڪنهن ويلي سانگي ساريان

ساوڻ جو ڪن سير پٽن تي جوڙي پٽن تي پاڻ
اهي ويڙهيچا ڪيئن وساريان

پلنگ پٽڙيون مرڪ نہ مارن واريءَ اڻن وڻاڻ
تن جيڏين لئہ ججها جر هاريان

اچي پيا دل پٹور پنهوارن ڪالهہ مارن جي ڪاڻ
ڪم ڇڏيون ويڻي ڪانگ اڏاريان

خير محمد خوشي وطن ورڻ جي الله ڪو اوڻي آڻ
رات ڏينهان راهہ نهاريان.

* * *

منهنجي ملڻ جي مقال مارن وٽ تي ڪالهہ ڪيائون
سرتين هئي ڪا سنيال جيڪس ويڻي حال وڌيائون

مون جيڏيون تہ ملير ۾ پيارا
خوش گهمن پنهنجي خيال لويون رنگ لال رتائون

وجي پونديس ويڙهي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٹو وڃي پنهنجو حال ڪندا شال پال پلايون
اچا منهن مارن اڏيا
پڪا پيهون پال مٽان تن مال اجهائون
خير محمد خوشي وطن ورڻ جي
لٽا قيد ڪٽائل وريون وصال واڌايون

* * *

پنهوار پٽ تي پشم نه منڻن
اصل اها تن ريت رسم

ڪاڄ جنهين جو ڪنيون آهي
سگر سائون صاف سٽن
تهه تاري ڪن صاف بسم

انئي پهر الله سان
وحدت جي آهي ويڙهه وتن
ڪن صدقو تا جان جسم

جتي خوف نه خطرو ڪوئي
ڏيهه اهوئي پيا ڏسن
ڏس ڏوٽين جا ڪهڙا قسم

خير محمد خوش خيال سان
هستي هئڻ ڪي مار هٽن
ڪڍهن نه ڪر ڪنهن سان خصم

* * *

ڏي موڪل ميان مارن وڃڻ جي
مارن ريءَ دل ماندي
سر ساهه ملي سانگيئڙن سان
ورائي ڇڏ وطن تي
جيئن عمر تو آندي
اهو ٿورو ڪر تاريڇن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موکل ڈي تہ مِٹين ملان
هيکر ٿي هيکاندي
خوش ٿي کلان ويڑهيچن سان
رهان پنهنجي راڄ ۾
کتيان وڃي کا پاندي
اهو مهت ڪج ماڙيچن سان
خير محمد پيون کيئن جون خبرون
آيو پنهواروٗن پانڊي
پهتي وڃي پاڙيچن سان

* * *

مون ڈي مارن ڈهون آيو
خبران خير واڌايون
سکيا ٿيا سانگيئڙا
لٽن ڪشال ڪمايون
رتا وتن رنگ ۾
لاک لڳن لايون
جتي خوف نہ خطرو
جوڙي وينا اتي جايون
پٽن تي پالوٽ ٿي
پريا تلاءَ ترايون
خير محمد خوش کيت جا
لک ٿورا ڳڙ ڳايون.

* * *

ڪل مارن منهنجي ڪانہ لڏي هئي
سڌ سنگهارن هيءَ نہ سئي هئي

ڈيهہ ڈاڌاٽي ڪو خبر سٽائي
هيکر منهنجو حال ٻڌائي
اهو ٿورو ٿر سان لائي
ڪوٽن ۾ هيءَ قابو پئي هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا اباڻا مون وٽ ايندا
وري وطن تي شل وڃيون ويندا
لوئي لياري ڪين لڃائيندا
هيءَ ويڙهيچن وسري وئي هئي

جيڪس اباڻا هئم اوراهون
سڀي اچن مئيءَ جون دانهون
شايد چڙهي ويا پٽ پراهون
سانگيئڙا پنهنجي سانگ سپيئي

خير محمد خوش خبران آيون
وري اُني جون ٽيڙيون وايون
سنجهه صبح آڻي ڏيندم واڌايون
خبر ماڙيچن هاڻي پئي هئي

* * *

پيڪاڻن جا پور
موٽ وجهن ٿا ماري
ساهه ۾ ساندي ڪين سگهان ٿي
سنگهارن جا سور، ٻارڻ ڏنو ٻاري
قسمت هٿڑي قيد ڪيو آهي
انهيءَ قضا جا ڪلور، نه ته ڪير هٿ گهاري
خير محمد خوش وقت جو ٿيندو
ڪنڌيس مارن سان منڪور، هئي هنجهون هاري

* * *

ڪيچئون قصد ڪري آيو ٻاروچل
ڪاڻ ٻانهڙ پنهل پيارو
بين ليڪي ٻانهڙ ٻيڙي
هئي آرياڻيءَ جي اڳ ڏيڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ اتاهون سنباهيو ٻاروچل
ورهن کان پوءِ آيو وڻجارو

کل تہ وچ جي پير نہ ڪائي
تان ڪا پنهل هيءَ پرڪا پائي
ستي لوڪ سڏايو ٻاروچل
پوءِ پنيور ۾ ڪير بوهيارو

مهڻا ڏيو ٽيون مون کي مڙيئي
سڻي رهجو ڳالهہ سپيئي
پينر ڪيئن ٽيون پانيو ٻاروچل
ڪانڊ ڪميني نہ ڪندو ڪانيارو

خوش خير محمد پئي پڻيءَ پنهل جي
جانب گڏيس منجهہ جبل جي
ننگ پنهنجو اچي نباهيو ٻاروچل
ور مليس تہ وريس وارو

* * *

ڏاري چڏي هت ڏار
اوهين پنهنجي وطن وجو ٿا
مون جيڏيون تہ مليو ۾ پيارا
ڪن حياءُ هزار
ويري شال ٻڌي نہ وائي
ڪيو الله توهار
جيري جدا آهي جالڙ اهنجو
ماري ٽي محب ميار
خوش خير محمد سان نام خدا جي
پاڙيون قول قرار

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ٻاروچل ٻاجھ پوئي شل
ھج تون منھنجي ڪول

لونءَ لکن ۾ تولئي ڪاٽي
پاڻ سجاڻج پنھل آرياڻي
ڪالھ ڪالھوڪي ڪيا ھيئي قول

جاڻي ڏونگر ٻجھي ٿو ڏاڍو
اٿم اندر جو ڪيڇ ڏي ڪاڍو
ساري وندر ۾ وجھندس وڙول

جبل جانب لئي جھنگ پڇنديس
ڪيڇ ويندي آءٌ ڪين ڪڇنديس
ڳلي ڳلي ۾ ڪنديس ڳول

خير محمد خوش نال اھو نيندو
ڇپر ٻئي ڪي ڪين ڇڏيندو
اٽس ٻانيڻ سان ڏاڍا ٻول

* * *

ڇپر ٻئي ڪي ڪيئن ڇڏي ويا
ھيئن نہ اڳ مون ڄاتو ھو

ھڪ تہ منھنجي ھٿئون پيڙي
نياز ۽ نئڙت مون نا ڪيڙي
ساجن مون نہ سجاتو ھو

نڏر ڇڏي ويا ننڍ ۾ پيئي
سنجھي ڪٽي ويا ساڻ سپيئي
ساري شھر پنيور ۾ اوراتو ھو

مان تہ اصل ھيس عيبن ھاڻي
ڪيو سگ ڪيڇين پاڻ سجاڻي
پيڇ پنھل مون سان پاتو ھو

خير محمد خوش جيءُ جياريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻول پنهل مون سان پنهنجو پاريو
نام ڏٽيءَ لڳ ناتو هو

* * *

عشق عشاقن ڪيو آمين
پرواني جيئن پتنگ پچن ٿا
صوفي ڪن ٿا سودو سالم
بي بها ٿيا بانڪا رالم
آهن آڏوتي علم ج عالم
ماڳ مٽائي ٿيا مسڪين
ڪامل ڪنهن سان ڪين ڪچن ٿا

درس رکيائون دل ۾ ديدون
اندر آديسي ڪن ٿا عيدون
مليو محب پنيون اميدون
ڪعبو قبلو مڪو منجهين
رمز رندي ۾ راضي رهن ٿا
اصلي روحي رکيائون رايو
راتيان ڏينهن سرس سوايو
گيت اناالحق تن ٿي ڳايو
توڙئون نانگا نينهن نچن ٿا

شوقئون ڪن ٿا شاديون شڪرانا
برهه پڙهاين بيحد بيانا
ڳوپيون ٻڌن ڳل عشق جا ڳانا
لڪيو لاهوتي لائون ڏين
پرت پياسي گهوٽ گهمن ٿا

خوش خير محمد مرشد هادي
اچي عرضيءَ تي ڪئي امدادي
ويو وڇوڙو ٿي آزادي
گولي دلبر نال گڏين
پل پل جن جا پور پون ٿا

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيءَ ۾ جوڳين جا دونهان دکن ٿا
اهڙو نينهن نروار نانگا نچن ٿا

اکڙيون اڙايم دل جي ٽارڻ لئي
سڃڻ پاتو سرمون منهنجي مارڻ لئي
مرکي منل يار کلي ٿو کارڻ لئي
بڙ تي پورو ڪيو چاک چکن ٿا
ڏسي عشق اکيون منهن ۾ موچاريون
چرکن چنيڻ لاءِ بيوس ويچاريون
هڪ اکي سهڻيون ٻيو سرمي سينگاريون
ايڏو تاب تارن ڏيهه ڏکن ٿا

ڪنيل فراقي دل ڪري دانهون
خير محمد جون سڻ تون الاهون
اڄ اگڻ يار منهنجي آڳاهون
پاڻن پيارا سچا سخن ٿا.

* * *

سالڪ کن ٿا سير
بحر اونهي ۾ ذوقئون ذاتي

عام کان اولي عاشق اورن، ساهه سمرٽيون سالڪ سورن
پائڻ نه ڪو ٻيو پير، پائن پرتئون پاڻ ۾ جهاتي

لنگهي لا کان اڳي ويڙا، موتو قبل مري جيڙا
پنڌ تهين جي پير، وڃن وحدت چپ چپاتي

ڏوهه ثواب جا ٽڳا ٽوڙي، پنهنجي جاءِ اڳاهون جوڙي
خير محمد خوش هر جا خير، عشق اچانڪ ڪئي اثباتي

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هر صورت حق پائن تا
تڏهن صوفي اچي سر نائن تا

انا احمد بلا ميمي
نور نسورو ذات قديمي
كيون منهن معراج آڻائن تا

مولا ملكن تي حكم هلايو
آڻي آدم جي پيرين سر نايو
كيو سجدو ادب سكائن تا

ڏوئي دل تان غير چڏيائون
چڑهي سوريءَ تي سير كيائون
اهي گيت اناالحق ڳائن تا

خوش خير محمد ڏس خيال عشاقن
كاڻ وحدت جي ويچارا چا كن؟
كيون نئڙت رام ريجهائن تا

* * *

سڻي پورب جا پيغام، سامي سنک وڃائن تا
آڏيءَ ويل اٽائن تا

سڳيون ساز سويل كنيائون تنبن كي ٽي تيل مكيائون
هنگلاج هلڻ جي هام بانكا برحق پائن تا

آديسن جا پنڌ اڙانگا سامي لاهن سر جا سانگا
آهي گاروڑين هك گام جنهن دم وك، وڃائن تا

كمركولا باكشتيون كڑيون جوڳين پنهنجي جان سان جڑيون
تن ساجهر كيا سر جام كنهن دس دور چتائن تا

لاهوتي لاشك ٽيڙا تلك لڳائي تارك ٽيڙا
پڌو آديسين احرام نانگا نينهن نيائن تا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كن بيراڳي بينڪ جاتي سدا سناسين صحبت تاتي
ڪوڙين ٽيا قتلام ويهي جڏهن وڃائن تا

خير محمد خوش گر گفتارون شال ٻڌي هي پرهه پڪارون
ڪيئن وحدت جا وريام جوڳي جڳت ڪمائن تا

* * *

وهه واهه مٽان ويراڳين
محبت جا مينهن وسايا
بوندان بادل برهه جا
سر عاشقن جي آيا

سورهيه سرن جو سانگو
لاهي لنگهيائون لانگهو
تن ۾ طلب ۽ تانگهو
ڪوپن ته ڪنڌ ڪپايا

سر عاشقن جي سوري
وهه واهه عجب مخموري
نت ناز نينهن نوري
موسيٰ ڪوهه طور جلايا
مجنون سان درد ليليٰ
آيو عشق سر اڪيلي
محبت جا مينهن ميلي
بر ۾ ولين ويڙهايا

خوش خير محمد برهه باري
ڏاڍي عشق آتش ٻاري
برهه لاتي بهاري
نانگا نينهن نچايا

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ڏسڻ ٻڌڻ وارو کهرو
وڃئون عشق عقل وڏو وهرو

اول اسان کي عشق پڙهايو
پرت سبق اهو پهرو

پتنگ شمع تي کيئن نہ پچندو؟
چشمن سان ڏسي چهرو

سوز وارن سان گالهيون سلجن
نينهن جنين جو نهرو

خير محمد ٻڌو ساڻ خوشيءَ جي
سر عشق جو سهرو

* * *

آهي عشق سکر (۱) وري اهڙو
ناهي جام جنت ۾ تهڙو

ڏاڏي آدم پاڻ چکي چيو
هرگز ناهي هن جهڙو

ريءَ پرين پهچائي عرشين
کر کري ٿو کهڙو

اجا تائين اصحاب کهف جا
لاهي ستا سپ ليڙو

خير محمد خوش خاص لڳو دل
صورت وارو سهڙو

* * *

(۱) نشو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ملڻ لاءِ نيڻن ٿي نهاريو
مسين مسين اچي تو منهڙو ڏيکاريو

بادل بهاريون ڳائن ڏهوري
کارڙ نين جي اچن اگهوري
صحن چمن جا تن لئه سينگاريو

بلبل خزان جا گذارا گذر کر
برهه بقا جا نظارا نظر کر
ڏينهن وفا جا گلن سان گذاريو

سهسين رنگ سرود تماشا
ٿيا رس راڳ ملڻ ميلاپا
وحدت کي اوهين کيئن وساريو

خير محمد خوش وسن ميخانا
ساغر چنگ صراحيون ترانا
گل ڦل چمن جا خوب ڦلاريو

* * *

دل کسي دلبر وڃي پوءِ ٿو پڇندیون کرين

محبت سان مستان کيئي
هينئڙو وري حيران کيئي
ساري لوک ۾ نيشان کيئي
لائي لنئون چو ٿو لڙندیون کرين

منهنجي ساهه جو توسان سهو
مون وٽ پايو لالڻ ليئو
تو ريءَ ناهي منهنجو ٻيو
هاڻي هوت ٿو هلندیون کرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير محمد تنهنجو غلام
ائين چوي سڀ خاص عام
تنهن کي پياريو جلدي جام
جو ٿو خان خود پسنديون ڪرين

* * *

دردن واري جي دل وٽجي
ڪاوڙ تن سان ڪانه ڪجي
برهه سندي بازار ۾
سر جو سودو صاف سٽجي
زنگ ته ذوق وارن سان
رتيءَ جيترو نه رکجي
خوش خير محمد نال نيازي
ريت انهيءَ راند ڪٽجي

* * *

گيدي گهرندا ڪين
مرد پوندا مچ ۾
تکي جا تلوار کان
ويڙهه انهيءَ وڙهندا
ترهو ڏئي تار مان
گهيڙ انهيءَ گهڙندا
خير محمد خوش ٿو گهري
سورهيه سر ڏيندا

* * *

رَمز پريون اکيون رانجهن تنهنجيون زور لٽن دل زاري
دعوت عشق دلير جهلي، مجني ڪئي منظوري،
عشق بنا سر ڪير ڏئي، هيجل ڪنڌ ڪٽاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارن تير تفنگي خنجر، خوني نين خماري،
جهٽ پٽ جهٽن ظاهر باطن، بيوس دل هماري
خير محمد خوش دل دلبر، وڃڻ ذوق ضروري،
مان ملي محبوب هماراء بادل بوندي بهاري.

* * *

هر رنگ ۾ رلجي وڃي ڪيئن عشق لا مظهر چوان،
ظاهر چوان باطن چوان سو ڪل شي اندر چوان.
هر جا ظهورو ذات جو، صورت اندر اثبات جو،
حيات ۽ ممات جو، آ ڪيل هر هڪ گهر چوان.
ڪنز مخفي اظهار ٿيو، ازلي الست انوار ٿيو،
قالو بليٰ اقرار ٿيو، سو قول ڇو ويسر چوان.
موج مستيءَ ۾ محب، محبوب ۾ ٿيو منتخب،
غبغب اندر غازي بلب، گفتار ۾ گوهر چوان
خوش خير محمد خيال ۾، هر چال قيل و قال ۾،
ماضي قبل هر حال ۾، پير مغانِ رهبر چوان.

* * *

رخ تنهنجي روشن ڪيو جلوو ڪلام الله جو
والشمس ياسين والضحيٰ آهي شان شافع شاهه جو
اڳ نسورو نور هو، تجلو جنهن جو مشهور هو
مرسل وڃي معراج ٿيو روبرو الله جو
يوسف هيو ڪنعان ۾، شاهه عشق جي زندان ۾
مصر ۾ وڃي قيد ٿيو سانگو ڇڏي سپ ساهه جو
مالڪ هر دو جهان، سرور ڪون مڪان
ڪربلا ۾ شهيد ٿيو ڏهٽو رسول الله جو
خير محمد خوشيءَ سان عاشق ڪٽا منجهه ڪربلا
ڪامل ڪن ٿا ڪر اهوئي في سبيل الله جو

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رس شاهه نجف جا شير علي
اچي عاصيءَ تي امداد ڪيو

مرتضيٰ مشڪل ڪشا
محبن جا آهيو خفي ۽ جلي ،،
منهنجي دل شڪسته شاد ڪيو

نسنگ اچي نعرو هڻو
ڪير جهلي تڪو تاب تلي
ملعون منافق ماد ،،، ڪيو

دير نه گهرجي دم جي
هيٺن ڏي اچو پاڻ هلي
ڪڍي قيد منجهان آزاد ڪيو

خير محمد خوش ڪيو
خاوند جا آهيو خاص ولي
اچي عشق سندو ارشاد ڪيو

* * *

لڏي مرتضيٰ مولي عليءَ ڪان شاهه صفي الله شفا
مرض ڪل معافي ٿيا لڏي جان ساريءَ تان جفا

شوقئون نجف جي شاهه جو، رهه سوالي سنجهه صباح جو
وڃ ذوق ڏيندا واهه جو، ڪر نياز تان ماڻين نفا ،،

حسنين جن هر حال ۾، حامي رهيا هر ڳالهه ۾
عزت عمر اقبال ۾، ڪئي مدد محمد مصطفيٰ

شاهه منقبت منظور ڪيو، دک درد دل جو دور ڪيو
مسڪين کي مسرور ڪيو، لٿا خيال خاطر جا خفا

ڳجها ۽ پترا.
مات = ماريو
نفعا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرو برهه مليو اچي، محبت محل مليو اچي
رنگ معنوي رليو اچي، صورت کلي ساڳي صفا

خوش خير محمد هيءَ سدا، مقبول پئي من جي مدعا
کو دم نہ ٽئي جانب جدا، محبوب سان مهر و وفا

* * *

برحق بدعتي آهيون مولا موالي تو سندا

سرکي سوائيءَ جي پيون صاف ٽئي سارو هنيون
هن کيف ۾ کو دم جيون ٽهين عشق عقل جا سندا
لاتقنطو تکرار آ محمد منو مختار آ
اسان عاصين اعتبار آ جنهن جيٰ ڳٽن آهيون ڳڏا
حب حوض کوثر جي اٽهون بي طلب طوبيٰ جي نٽئون
پيون جام حيدر جي هٽئون مولا علي شير خدا
حر آهيون حسنين جا کامي آهيون کونين جا
دوازدهه[1] دارين جا محبت انهن جي آ مدعا
خوش خير محمد جو عرض فاني ٽيڻ تو ۾ فرض
پير مغان کي هي عرض سڻ صاف صوفيءَ جي سدا

* * *

اچي حاضر حسيني ٿي قلندر لعل مروندي

تون آن حسنين جو پيارو فقر جو سرگروه سارو
کري ملعون تي مارو ٻڌي محکم کمر بندي
توکي چوطرف چوڏاري نمي ٿي هند سنڌ ساري
کابل کشمير قندهاري بلخ بيروت سمرقندي
نہ گهرجي دير مون هاڻي مدد کر شاهه سيوهاڻي
اچي ٿي سيکهه ۾ ساڻي کڌي چڏ قيد مان بندي
مدح خوش خير محمد چئو لٽا پولا مڙيئي پئو
همیشه نياز سان پيو نئو ٽئي دل شاد خورسندي

* * *

---

(1) دوازدهه - بارهن (امام).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مالک مختار برحق سالکن سرتاج هو
سفل[1] پيا سوري چون منصور لئہ معراج هو

هو ملک ۾ مشهور هو سڀ ڪنهن خصالت خواج هو
ملک دل جو دست ڪيائين ڪل رعيت راڄ هو

ڏينهن ڪراماتون ڏٺيون جتي هر ملان محتاج هو
هن شهادت شوق جو وڏو عاشق کي احتياج هو

ذاتي گڏيو وجي ذات سان، هو ٽا ڇاڻن علاج هو
موڳن ملن ٽي موت پانيو ڪامل لئہ ڪاج هو

خير محمد خوش سڻ خبر انہ، پڙهڻ جو عاج هو
اثبات ڪر الله کي اتي وحده جو واڄ هو

* * *

عثمان[2] عاشق آفرين پنهنجو جسم پروان ڪيئي
طالبن جي طور ۾ نالو صحيح نيشان ڪيئي

غازي ڪنيئي وک واهہ جو
سانگو رکيئي نہ ساهہ جو
توکي ذوق وجہ الله جو
واهہ درد جو درمان ڪيئي

غازي ٻولي گفتا گوهر
واهہ عاشقن کي ٽيو اثر
اهڙو هيو سالک سڏر
واهہ عشق جو اعلان ڪيئي

تنهنجي درد دل خستي ڪئي
هرگز نہ تو سستي ڪئي

---

[1] اسفل سافلين - گهٽ ۾ گهٽ درجي وارا (قرآن)
[2] عثمان فقيرسانگي، فقير خير محمد جو مرشد پائي هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثابت كمر بستي كئي
سرهو مري ميدان كيئي

تو هي سخن چيدا چيا
تاثير تن پيدا كيا
شائق ٻڌي شيدا ٿيا
واهه درد جو داستان كيئي

خوش خير محمد يار جو
هيڙو پكي تنهن پار جو
عاشق هيئن اسرار جو
اڏي وجي آشيان كيئي

* * *

شاهه نقشبندان بادشاهه بخاري
تنهنجو هر طرف فقر فوج باري

تنهنجي طالبن خود هنيو نينهن نعرو
جيئن خواجه عبيدالله احرار وارو
جنهن شاهي قبا ۾ كيو ارشاد جاري

تنهنجي توجهه كيو جامي جگر سوز
بيرنگ بحر ۾ ٿيو شائق شب روز
كئي موج تنهن مرد منصور واري

تنهنجو فيض اظهر من الشمس آهي
تنهنجي طالبن كي كوئي خوف ناهي
رگڙ راز تنهنجي كئي هر هنڌ ساري

تنهنجي بلبلن ۾ برهه جا بيانان
بيخود ترانا درد داستانان
تنهنجو باغ برحق بقا جي بهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشي خير محمد اصل کان اهائي
هجي شال هردم همئه هيڪڙائي
ملي مصطفيٰ[1] کان توکي تاجداري

* * *

ڪيئن لهي ڪل ڪور شبپر شمس واري شعاع جي
آهي متس دن رين جو اکين اڳيان اونداهه جي
في هٰذاهِ اعميٰ · اشارت دل لايو داناءَ جي
آهي سوجهرو صورت جو سپ ۾ اتر مظهر ماهه جي
ونفخت فيه · فکر ڪر اوڳا انهيءَ ارواح جي
موران نه ٿي موڳا پوئي ڪا سرت دم هن ساهه جي
ڳجهه جان نه ڏونڊيج ڏونڊ ڪي ڪر همت ٿيءَ هماءِ جي
ڪکڙ جان گهر ڪنڊ ۾ هوندي پرن ٿئين پاهه جي
خير محمد کي خوشي اصلئون نسوري ناهه جي
نفيءَ سان نابود ڪر اثبات ٿئي الله جي

* * *

[1] جو هتي انڌو آهي اهو آتي به انڌو هوندو.
[2] پوءِ اسان ان ۾ پنهنجي روح مان ڦوڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪي بيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪي بيت

(1) هي مرشد مشهور ملڪ وچ جٽ ڪيتا عشق اوتارا
نقشبندي وچ نوشهري دي ماريا نينهن نقارا
سن ڪر چوٽ چلن وت طالب ڪرڪي سر اختيارا
خوش خير محمد ڪر عشق خريدي جي تون وحدت جا وڻجارا

(2) سن ڪر چوٽ چلن وت طالب ٽيون مجمع ملڪي
ٽي دوزانا دلبر اڳون ٻڌ ٻانهان حاضر حلقي
توجهه وچ طلب دي هوئي جان جسر ڳئي جل ڪي
خوش خير محمد ڪل ڪل پئي جيڪي اندر دي هلڪي

(3) مرشد مئن تي مهر ڪيتي ڏس ڏتس حرف حقاني
دين ايمان قربان ڪيتوسي ڪيا وت جند جسماني
جاري قلب ٽيا نرواري نا وت ذڪر لساني
لنگهه لطيفي پار پيوسي سير هويا سلطاني
خوش خير محمد وجود سرڳيا رهيا وچ فڪر دي فاني

مرشد مئن تي مهر ڪيتي ڳئي ڪل هنر مڪر دي
نال توجهه تحليل ''' پڙهايس معنيٰ نال فڪر دي
دم نه ڪوئي غافل هووين رهه هر دم وچ ذڪر دي
خوش خير محمد هوئي خوشي ملڻ دي رهه شاڪر وچ شڪر دي

هڪ ڏينهن مئن مغان تون پڇيا ته ڪيوين لعل لهيجي؟
آکيس چوڙ هڻڻ ٽي گم هڪواري ته وحدت عيان وکيجي
خوش خير محمد دل کول ڪراهين وچون صفت صحيح ڪريجي

دليون طواف دلين دا ڪر تون شبها شڪ نه ڪيجي
صاف آئينه صورت دي وچ پاڇا پريم وکيجي
خوش خير محمد رک سير سچاندا دل دي کول دريچي

ڪر لا اِلٰهَ اِلاّ اللّٰهُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(7) دل دريا سموندون اونهي ڪون دليان نون جاني؟
وچ ڪعبي وچ قبلي وچ مسجد مئخاني
خوش خير محمد ڪعبہ خاص دلين دا ويڪ دانا رهن ديواني

(8) دل دريا سموندون اونهي غوطا مار غواصي
جيڪي گهر دي مون نہ ڏر دي نہ ڪردي جان پياسي
خوش خير محمد سر گهول گهرين وچ هٿ لعل جواهر آسي

(9) دل دريا سموندون اونهي غوطا مار مستانا
اونهي وچ عميق دي ڳولين ڏس ڏنس لا مڪانا
خوش خير محمد سر گهول هٿ آسي لعل يگانا

(10) طالب تون ٻئي طرف نہ ڳولين ڪول ويڪين وچ ڇاتي
موتو قبل انت موتو مر ويڪين وچ حياتي
وسار وجود وڃا ورهين ڪون پڇي عين ٽيوي اثباتي
خوش خير محمد جڏان نام نفي ٽيا تڏان مليا نقطئہ ذاتي

(11) ڪي طالب وتن طريقت دي تون گهن حقيقت هڪا
ڪي مذهب ڪيتي مردي تون ڏي دوئي تون ڏڪا
خوش خير محمد دين ڪفر وچ عشق نہ رهندا لڪا

(12) ڪي وت قلبي دي ڪوڏئي ڪي روحي ڪيتي رڙدي
ڪي سير سري دي ڪاڙ ريجهہ خفي وچ ڪڙدي
عاشق لنگهہ لطيفي ويندي نهين اخفيٰ وچ اڙدي
خوش خير محمد وعظ وحدت دا سبق سوري چڙهہ پڙهدي

(13) لا پڙهن لاهوتي لوڪان پڙهہ نہ جاتي
حق دا نام نفي ڪريندي ڪرڪي آپ اثباتي
خوش خير محمد ويڪو خوءِ خامان دي منجهہ ڳئي مصلحاتي

---

[1] مرڻ کان اڳ مري وڃو (صوفين وٽ مشهور حديث).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هک ڈينهن مرشد مئخاني وچ سڈ جام پلايا ساقي
وسر وجود ڳيا اس ويلي دم بيخود بٹيا باقي
نال سکر سپ سير ڪيتوسي ڪيا انفسي آفاقي
خوش خير محمد نشا مول نہ ويسي ٹيا عشق اندر اوطاقي

ڪفر وچون اسلام آٹيندي اتي موت ڪنون حياتي
جس ويڑهي جانب وسدا اس ويڑهي پاون جهاتي
خوش خير محمد ويکو خوءِ عشاقان ڪردي نفي وچون اثباتي

پڑهه تڪبير فنائي والي هٿ چا ڈونهين جهانون
